


ڏرتيءَ جو درد

(شعري انتخاب)

000036

ارجن شاد

سَئِم انٽرنئشنل

ڌرتيءَ جو درد

ڏرتيءَ جو درد

ڪتاب بابت-

سنڌيءَ جي مايہ ناز شاعر ڊاڪٽر ارجن شاد جي شعر جو مجموعو ڇپائي، مان پاڻ کي خوشنصيب ٿو سمجهان. اهڙي اعليٰ شاعر سان منهنجو نالو ڳنڍجي اچي، ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي خوشيءَ جي ڳالهہ ٿي سگهي ٿي. شاد صاحب جا اِلاهي ثناخوان آهن ۽ مان بہ اُنهن مان هڪ آهيان. بحر وزن جي علم جو اُستاد ۽ ترقي- پسند ويچار- ڌارا جو اوائلي شاعر ۽ ان جي بهترين نمائندگي ڪندڙ شاد صاحب ڄمندي ڄام آهي. سنڌ ۾ ئي ڪاليجي جيون ۾ شيخ اَياز ۽ ارجن شاد کي باغي شاعر ڪري ڪوٺيو ويندو هو. هو ٻئي جگرِي دوست آهن. هند ۾ اچڻ کان پوءِ بہ شاد صاحب جي شعر ۾ انقلابي آواز شعلن جي صورت اختيار ڪندو رهيو. اِها بہ حقيقت آهي تہ هنجي شعر جي يگانيت اِها آهي تہ هو ترقي- پسند ويچار- ڌارا کي بہ انسان جي داخلي دنيا سان ڳنڍيندو رهيو آهي. هن جي غزلن، نظمن ۽ نئين ڪوتا ۾ اهڙائي احساس ظاهر آهن. سندس عقيدو آهي تہ غزل ۾ ان جي تقاضائن موجب داخليت ۽ تغزل جي سهڻي فطرت قائم رکڻ ضروري آهي. هو صاحب نئين ڪوتا ۾ بہ انسان جي انتر آتما جي پيڙا جو نهايت ئي گهرائيءَ سان ۽ ڇيندڙ تاثير واري انداز ۾ ورنن ڪندو رهيو آهي. هن جو چوڻ آهي تہ دک ۽ درد انسان سان هميشهہ ڳنڍيل آهي پر تنهن هوندي بہ 'منهنجي هن دنيا سان دل آ.' ڪانئس پڇيم: زندگيءَ ۾ ڪهڙي چيز اوهان کي گهڻي ۾ گهڻو سک ڏنو آهي؟ چيائين: ماتا پتا جي

DHARTI-A-JO-DARD
(THE AGONY OF EARTH)

Collection of Poems

By
Dr. Arjun Shad - Mirchandani
Address: 1, Silverbeach Hsg. Soc.,
Gulmohar Cross Road 12,
Juhu Scheme,Mumbai - 400 049
Tel.:6203359
First Edition - 1997
Published By:
Mohan Keswani
(Proprietor)
Sam International,
14/108, Anand Nagar,
Near Vakola Police Station,
Santacruz (E), Mumbai -400 055
Tel.: 6183078 Fax:6161918
Printed & Designed By:
ART SPOT (Ram Lalchandani)
212, Allied Industrial Estate
Mahim, Mumbai - 400016
Tel.: 4464134-4466348-4465972

Price Rs. 80.00

دنيا جي دلين کي جنبش ۾ آڻي ڇڏيو. شاد جي اِن گيت جو ڀاو سڀني سنڌين جو قومي ڀاو بڻجي پيو. شاد صاحب جا ڪئين شعر ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيا آهن ۽ جلد ئي سندس شعرن جا انگريزي ترجما ڪتابي صورت ۾ ظاهر ٿيڻ وارا آهن.

شاد صاحب جي شعري نرتيه- ناٽڪ 'ڏاهيون ڏک ڏِسن' سان سنڌي ساهتيه هڪ نئين موڙ ڏي قدم کنيون. سنڌ جي هڪ برک نقاد جو لکڻ آهي: 'بهر حال سنڌي ادب ۾ پهريون اوپيرا، سنڌي ادب جي محسن ۽ سنڌي ناٽڪ جي باني ابي مرزا قليچ بيگ لکيو، جو هو 'ليليٰ مجنون'. اِهو ڊرامو ١٨٨٠ع ۾ لکيو ويو ۽ اِسٽيج ٿيو. ان کان پوءِ وري مڪمل منظوم سنڌي ڊرامو مشهور سنڌي شاعر ارجن شاد ١٩٦٠ع ۾ لکيو. سندس اِهو سنگيت - ناٽڪ آهي -'ڏاهيون ڏک ڏسن.'

مان اديب دوست شري هري موٽوائيءَ جو تهدل شڪرگذار آهيان جو هن صاحب ڇپائيءَ جو ڪم پاڻ تي هموار ڪيو ۽ ڪيترين ئي امولڪ صلاحون ڏنائين.

موهن ڪيسوائي

ڪتاب جو پبلشر

۽

پروپرائيٽر سَئِم- انٽرنئشنل

اپار آسيسن. شاد صاحب هڪ انفرادي حيثيت جو مالڪ آهي ۽ هن جي شاعراڻي نراليت هند ۽ سنڌ ۾ مشهور آهي. سندس شعر بلند خيالي ۽ احساس پذيريءَ جو ڪلاتمڪ سنگم آهي.

شاد صاحب سوين شعر لکيا آهن. سندس ويڇڙائيءَ ۾ لکيل شعر جو الڳ ڪتاب ڇپائڻ چاهيان ٿو. حال في الحال منهنجي اِها خواهش ٿي ته سندس هيل تائين ڇپيل هر ڪتاب مان ڪجھ شعرَ ڪڍي نئين سر انتخاب جي صورت ۾ ڇپايان، ان خيال کان ته هڪ هڪيو تڪيو مجموعو پاڻڪن لاءِ وڏي نعمت ثابت ٿيندو. سندس 'انڌو دونهون' ڪتاب کي ١٩٨٣ ۾ مرڪزي ساهتيه اڪادمي اوارڊ ۽ تنهن کانپوءِ مهاراشٽر گَوَرِو پرسڪار عطا ٿيا، ڪيس سوويٽ يونين جو نهرو اوارڊ پڻ مليو. 'انڌو دونهون' ڪتاب ۾ ورهاڱي جي درد تي لکيل طويل نظم شامل آهي، جنهن کي کنڊ-ڪاويه ڪوٺيو وڃي ٿو. ان لاءِ هند ۽ سنڌ جي اديبن اِهو رايو ظاهر ڪيو آهي ته اهڙي اثردار رچنا هن کان اڳ نه لکي ويئي آهي. ورهاڱي جي درد ۽ سنڌيت جي موضوع تي سنڌيءَ ۾ ٻئي ڪنهن به شاعر ايترو شعر نه لکيو آهي، جيترو شاد صاحب. ڪٿي ڪنهن آدبي ليک ۾ پڙهيم ته جيئن بنڪم چندر چٽرجي ديش کي 'وندي ماترم' ڏنو ته ڪوي ٽئگور 'جن گن من'، اقبال 'ساري جهان سي اچا هندستان همارا'، تيئن شاد سنڌي قوم کي ڏنو اهو گيت:

جنهن ۾ ماءُ ڏني مونکي لولي
اُها زنده رکندس ٻولي.

جو سندس پتني موهني ميرچنداڻي ١٩٥٦ ۾ دهليءَ جي پهرين سنڌي ڪنوينشن ۾ پنهنجي مڌر آواز ۾ ڳائي سنڌي

اؤر واڄا - اؤر نغما

اؤر واڄا اؤر دل جا سُر سُرايون ٿا اسين
اڄ نوان نغما نون سازن تي ڳايون ٿا اسين!

مرده دل زنده ٿئي جنهن روح پروَر راڳ سان
سوئي ڳايون ٿا اسين، ٻيا سڀ ڀلايون ٿا اسين!

حسرتن جي باهه تي تن جو نہ جئن چندو پوي
آهه جي آتش سان لڙڪن کي سڪايون ٿا اسين!

ھي بہ انسان هوُ بہ انسان هوُ سکيو چو ھي ڏکيو
آهہ انسانن ۾ جو سنڌو، مِٽايون ٿا اسين!

ڇا ٿيو آڏو مصيبت جو ڪڙو آهي پهاڙ
نهر جان ڇاتيءَ تان اُنجي وڪ وڌايون ٿا اسين!

صرف ڪَنَ ناهن اسان کي، منهن ۾ پڻ آهي زبان
ٿا اچون ٻڌندا صدين کان، اڄ ٻڌايون ٿا اسين!

غيب هوءِ منهن ڏيڻ آفت کي بس بيسود هو
اڄ جهلي هٿ زندگيءَ کي خود هلايون ٿا اسين!

هيءَ دنيا

منهنجي هِن دنيا سان دل آ!

(۱)

ناهيان روحاني دنيا چو؟
پاڇن مان ڇا آنند ايندو؟
ظاهر سک کي ترڪ ڪري ڇو
ڪلپت سک لءِ پاڻ وڃايان
ڇَين حقيقت سان واصل آ
منهنجي هِن دنيا سان دل آ!

(۲)

مرتيو سان ٿئي جيون پورو
مٽيءَ خاڪ ٿئي جسم سمورو
هيءَ مٽي بيءَ مٽيءَ جهڙي
مٽيءَ مان ڇا جيون اُٿندو؟
ٿيٽو ڪجهه بہ نہ هڙ حاصل آ
منهنجي هن دنيا سان دل آ!

جوالا

منهنجي هر شعر جو هر لفظ
ٻٽي باھ جو چڻ گولو ٿو ٻاهر نڪري -
دل ۾ مظلوم جي، ڇيو باھ بنا ڇا هوندو؟
باھ مان باھ جي صورت نهندي،
نہ ڪڏهن ماڪ جا قطرا نهندا.

هيءَ اُها باھ آ
خود جنهن کي سمندر بہ ملي
ڪين وسائڻ جو ڪو ساهس رکندا:
جو تہ هي ناھ فقط منهنجي ئي دل جو جوالا
هِنَ ۾ شامل آ هزارن ۽ لکن جي آتش -
هي زماني جو جوالا آهي!

(٦)

جو سک پنھنجي چؤباري ۾
سو ڪٿي بلخ بخاري ۾
دنيا ھيءَ انسان جو گھر آ
گھر ناھي سڀ جو سک ناھيون
ھرڪو سک جو ئي قائل آ
منھنجي ھن دنيا سان دل آ!

(٣)

ناز اُتم پنهنجي بازن تي
ڦيري باغ ڪريان برپٽ کي
هن ننڍڙي جيون ۾ مان پيو
خوب مزو محنت جو ماڻيان!
من هن آنند ڏي مائل آ
منهنجي هن دنيا سان دل آ!

(٤)

ورندو ڪين اکين پورڻ مان
ڪجھ پاتو ڪنهن من ڍونڍڻ مان؟
سڀ جو سک جن هڙپ ڪيو آ
تن هڙپن کان سک کي کسيو
سک تہ سڄاڳيءَ سان شامل آ
منهنجي هن دنيا سان دل آ!

(٥)

قدرت ۾ سک جا جي ذريعا
تنهنجي منهنجي لاءِ ٿيا پيدا
تو مون ڀي جي چِين نہ پاتو
ڍور تہ تن جو فيض نہ ونندا
سک پائڻ جو ٿيو مشڪل آ
منهنجي هن دنيا سان دل آ!

موديءَ جو بل

(۱)

مونکي کپي حيات ۾ مستي شراب جي
جهنڪار عقل و هوش ڪسيندڙ رباب جي
بيخود رهان، رهي نہ مونکي پنهنجي جئن خبر
دنيا ڪپي جتي نہ هجي پهچ خواب جي
ڪا موج اهڙي بزم ڏي دل کي جڏهن ڏڪي
دامن ٿو تنهن سمي اچي موديءَ جو بل چڪي!

(۲)

بادل جان ريل چيل مان آڪاس ۾ گهمان
منزل نہ ماڳ ڪوئي مونکي، مان پيو رلان
تارا چون، ورائي چون: آئي، آئي، آئي!!!
آنند ۾ اچي مان ڪنوڻ جان پيو هسان
پردي ۾ بادلن جي وچي دل جڏهن لڪي
دامن ٿو تنهن سمي اچي موديءَ جو بل چڪي!

آءٌ گهٽين جو ڳائيندڙ !

آءٌ گهٽين جو ڳائيندڙ - مان ڳايان ٿو جنتا جو راڳ!

جيڪي آيو چوندو ويندس - جنتا جا مان سور سليندس
جملي جملي کي ويهي مان - سوناري جان ڪين گهڙيندس
مرده دل ۾ جيون ڦوڪڻ آهي منهنجو مقصد ماڳ
آءٌ گهٽين جو ڳائيندڙ - مان ڳايان ٿو جنتا جو راڳ!

جنتا جي اکڙين ۾ نهارڻ سان ٿو منهنجو گيت نهي
اکڙين ۾ جن جي هڪ دنيا نئين اڏڻ جو خواب رهي
گيت نوان ۽ خواب نوان ۽ نئون نئين دنيا جو ڀاڳ
آءٌ گهٽين جو ڳائيندڙ - مان ڳايان ٿو جنتا جو راڳ!

آءٌ مِلن ۾، فٽ پاٿن تي ويهي پنهنجو گيت لکان
ڪين ڪٽي آڪاس تي پنهنجي گيتن کي ٿو آءٌ وڃان
غيب جون ڳالهيون ڪين ڪريان مان - منهنجو دنيا سان ئي لاڳ
آءٌ گهٽين جو ڳائيندڙ - مان ڳايان ٿو جنتا جو راڳ

اِسٽرائيڪ

اسان کي ٻي محبت آ حياتيءَ سان
جي ويئي هڪ دفعو، ايندي نہ ٻيهر زندگي پياري!
انهيءَ احساس جي شدت
رڳن کي زور سان پڪڙي
ٻهاري ٿي ڇڏي هي خون جو دؤرو
گهڙي ڪن لءِ !
اسان کي توب جي سامهون وڃڻ جو شوق ڪونهي ڪو
خبر آهي تہ ڦولن جي نہ ٿيندي توب مان ورکا
رکون ٿا ڄاڻ هوندا گرم گولا آگ جا سامهون!
اکين آڏو ڏسون ٿا زندگيءَ جي راهہ کي گهوُري
وڏي هڪ سڙڪ آ - ٻوڙن ٿيون جنهن تي مؤج مان نظرون
ڏسي دل جنهن کي ڦولي ٿي سمائي ڪين آنند ۾
اهو آنند ڪيڏو آ !
لڳائي ٻار جي آنند جو اندازو سگهجي ٿو
جڏهن ٿو ماءُ وچڙيل کي ڏسي پنهنجي اکين آڏو
مگر راحت حياتيءَ جي ملي ٿي جيڪا ماڻڻ مان
سمندر جان اٿاهہ آهي!!

(۳)

ماڻيان سرور چنڊ جي رمڻيڪ روپ مان
ساگر ۾ دل جا ياو پيو اُٿلندا ڏسان
آغوش مخمليءَ ۾ سمهي ماهتاب جي
کهراڻ زندگيءَ جي سموري پلِي وڃان
جئن حسن چنڊ جي تي وجي ٿي نظر ٽڪي
دامن ٿو تنهن سمي اچي موديءَ جو بل ڇڪي!

(۴)

ميءَ ۾ ٿبيون ڏيان ٿو، چڙهي پر نہ ٿو خمار
افسوس حال پنهنجي تي ڪاوان ٿو بار بار
کهڙو جيئڻ ٿيو روح جتي بند قيد ۾
آيو ڪڏهن پکيءَ کي اڏامڻ بنان قرار؟
نغمن تي نغما دل جڏِي ڳائڻ جي لءِ سکي
دامن ٿو تنهن سمي اچي موديءَ جو بل ڇڪي!

اسان کي هيءَ پلي پت جاڻ آ
دشمن جي ڏڪٽيءَ جي

هٿن ۾ ٿا جهلن بندوق کي قابو
۽ سيني تي قطارون ڪارتوسن جون
وَسائيندا رهن ٿا باه جي تيرن کي هوُ تيسين
ٿئي جيسين پڌري ڏڪٽي سندن دل جي!

اسين هن ظلم کي - ننگي تشدد کي
نہ ويهي بس تڪينداسين
وڏي، پنتي نہ هٽنداسين
اٿر ڳولن جو پوندو کين مزدورن جي طاقت تي
هماليہ رشڪ ڪائيندو اسان جي استقامت تي!

اسان جي زندگانيءَ کي مگر هڪ ٻيو بہ پھلوُ آ
اُهو آ ظلم جي شدت!
جيڪا جي خود حقيقت
هن حقيقت جي اڳيان
ياسي ڦڪيءَ بي اثر ساري!

وڌائن ظلم جي گهوڙي جي ٿا رفتار
ظالم بي قياسيءَ سان
اسان جي زندگيءَ جو قدر ٿئي ٿو ايترو جيڏو
ٿئي ٿو راهہ ۾ ماڪوڙي يا ٻئي جيت جنتر جو!

مقابل ظلم اهڙي سان ٿيڻ بدران
اسان لاءِ ڪو ٻيو چارو بہ آهي ڇا؟
اسان وٽ واهہ هڪ ئي آهہ تنهن کي آزمايون ٿا
ڇڏي ڪم ڪارخانن ۾ ٿا اِسٽرائيڪ تي نڪرون
اسان جو هي قدم تيار جنهن ۾ ٿيڻو آ
فاقہ ڪشيءَ جي لاءِ
ڏياري جوش ۽ ڪاوڙ گهٽي اهلِ ستم کي تو
اسان جي هو ڏسي همت
ڏکن ٿا توبخانن ڏي
جو سمجهن ٿا تہ پنهنجي دل جي ڌڪڻيءَ کي
لڪائي توب جي
آواز ۾ سگهندا!

گھر ۾ ڪي آهي ناهي، ٻاهر تہ شان آهي
جڻ راڄ جو ڪو گھر جي حالت سان ناهہ مطلب!

قربان حسن تان جي عاشق ٿين، ڪٿي اڄ؟
گُهرجي رُپو ٿو، روُپ ۽ رنگت سان ناهہ مطلب!

لڪٽيءَ ۾ خود نفاست پيدا اثر ڪري ٿي
ڪئن ٿا چون ادب جو هيئت سان ناهہ مطلب!

وقت جي تقاضا

بس وقت جي تقاضا هر شعر ۾ پريان مان
پنهنجو تہ زندگيءَ ۾ شهرت سان ناهہ مطلب!

زنده رهڻ جو مزدور آخر نہ حق ڇُهري ڇا؟
هنجي غرض طلب سان، وحشت سان ناهہ مطلب!

ڪلهہ تائين پيار خاطر ٻانهي تي گهارٽو هو
اڄ نازنين جو نِگري چاهت سان ناهہ مطلب!

پاتي سون پاڻ ۾ ئي قسمت اڏڻ جي طاقت
اڄ آسمان تان لهندڙ رحمت سان ناهہ مطلب!

سمجهيم تہ پيار ڏاران جيئڻ محال هوندو
ڪتجن پيا ڏينهن توڙي اُلفت سان ناهہ مطلب!

انسانيت جي ويرين سان ڀي رکون محبت؟
مان ڪئن چوان تہ منحنجو نفرت سان ناهہ مطلب!

ڪوئي احساس

ٿي سگهيو ڪين بيان حسن جي رخسار سندو
مون ڪيو خوب تصور گلِ گلزار سندو

هر ورق گل جي کي مون چوڇ منجهان هٿ لاتو
ٿي سگهي ڳل جي نفاست جو ائين من ڪاتو

چاھ مان خوب چيم شعر ثنا خوانيءَ جا
حسن جا حق مگر مون کان بجا ڪين ٿيا!

ٿئي فقط هن کي ڏسڻ سان ٿو جادو مون تي
گل نہ چا، ڪيو نہ اثر گل جي ڪو خوشبو مون تي!

هن جي سپرش ۾ لڪل آھ چا! بجليءَ جو اثر
ڪٿن فقط اُن جي خيالن ۾ سگهي پئجي خبر؟

برھ دل ۾ ٿو چڏي ڪيڏو نہ بارڻ باري
نير نيڻن جو بہ اُن کي نہ سگهي ٿو ناري

بازوءِ زندان

رکُ زنده طلب جي سدا جولان کي پنهنجي
ڦهلاءِ اڳيان ڪنهن جي نہ دامان کي پنهنجي!

فرياد ڪرڻ مان نہ وريو آهہ نہ ورندو
پيچ زور سان بازن جي تون زندان کي پنهنجي!

دنيا ۾ غلط جيڪي صحيح آهہ ڪرڻ ٺيڪ
طوفان ۾ آڻين نہ ڇو ارمان کي پنهنجي!

ٺئي جنهن ۾ وطن جو ڀلو سا وات پڇايون
ڇو وقت وڃايون ڳٽي نقصان کي پنهنجي!

تنهنجي ئي تہ بازن تي ڪوي ڪوڙ تي دنيا
مزدور ڪڏهن سمجهو اٿي شان کي پنهنجي!

ڏڙڪي ٿي ستمگار جي دل ڇاهہ سبب؟ سوچ!
مضبوط رکج 'شاد' تون ايمان کي پنهنجي!

جيسين توتي ٻه ٽُٽو ناهه مصيبت جو پهاڙ
تيسين تنهنجو ٻه موثر نه ڪڏهن ٿيندو راڙ

تو تصور ۾ ئي احساس ڪيو درد سندو
دوربينيءَ جي ڪري وهم ٿئي سپرش جي!

جھيڙو آواز تو آھن جو پڏو آھ ڪوي!
دل جو طوفان بہ تو تائين پھُتو آھ ڪوي

جيسين غم ڪان نہ اکين مان تنھنجي پاڻي ايندو
تيسين دک جو ڪو صحيح ذڪر نہ توکان ٿيندو

تو ۾ دردن جا اگر دود دکيا ئي ناھن
تنھنجا ھي جان جگر ڏک ڪان ڏکيا ئي ناھن

تنھنجي دل کي جي ڪڏھن لھس نہ آئي ھوندي
چٽگ پو ڪھڙي تو گيتن ۾ سمائي ھوندي؟

ڪين مضراب سندي چوٽ سَٺي تنھنجي ستار
دل جي تارن مان اُٿي نيس بنان ڪھڙي پڪار؟

رت ڪٺوري جي ڏيڻ ڪان پو رُکي روٺي نصيب
رکي روٺي بہ ڪٿي، جي پوي بيمار غريب؟

اھڙي قسمت جو ڪڏھن تون بہ ٿيو آھين شڪار؟
تنھنجي سيني ۾ ڪا غربت جي چڀي آھ ڪنار؟

(۴)

تون حسين کي حسين سرس بڻائي ٿي ڇڏين
خشڪ چهرن کي چمڪ ڏيئي رچائي ٿي ڇڏين
اڄ ميو ماڻ تون شڪتيءَ جو ايءَ نندرا ديوي!
عمر انسان جي تون ڪئن نہ وڌائي ٿي ڇڏين
تنهنجي قوت ڪان ٿي ڪُشتن جي ڪرامت نہ وڌيڪ
تنهنجي فرحت ڪان ٿي دنيا ۾ ڪا فرحت نہ وڌيڪ!

(۵)

فڪرِ غربت ڪان ڇڏائي ٿي ڇڏين لحظن لءِ
هانوَ جو بار هٽائي ٿي ڇڏين لحظن لءِ
جاڳندي سهٽي سني گهر ۾ رهڻ لاءِ سڪان
خواب ۾ تنهن ۾ پڄائي ٿي ڇڏين لحظن لءِ
تنهنجو آغوش گديلن ڪان ٿيو نرم وڌيڪ
آهہ عورت جي محبت ڪان بہ سو گرم وڌيڪ!

(٦)

چوسجي خون ٿو هڪ طرف تہ ٻئي طرف وري
ڪوٽ جي ڪانہ ٿي پوري ٿئي هڪڙي بہ ذري
تنهنجي ئي زور ڪان ڇا محنتي جنتا ٿي جيئي؟
توئي ڇا تن جي رڳن ۾ آ ڪٺي جان پري؟
انتها آهہ مصيبت جي مگر پهچي وئي
ڏس تہ بکہ نندہ مٿان ڪئن نہ رهي نهڪ ڏئي!

ننڊ

(۱)

ٽڪجي ٽنجي مان لهي ڪم تان تو ’وِي-ٽيِ‘ تي اچان
تو نئين ٽڪ جي لءِ ازخود وري تيار ٿيان
خوش نصيبيءَ سان ملي سيٽ اتم ڳاڏيءَ ۾
وقت ڪسي ختم ڪرڻ لاءِ ڪو ناول تو ڪڍان
دل ۾ مايوسي ٿئي مايوسي مگر رهجيو وڃي
ڪين محبوب جي پڻ ياد ٿڪاوٽ کي پڇي!

(۲)

نيلي آڪاس مان، ڪيتن مان ڪا راحت نہ ملي
ڪنهن حسين نار جي خيالن مان ڪا فرحت نہ ملي
پنهنجي ئي جان مان ٿي اهڙو مان بيزار ٿيس
منهنجي بي ڪيف گهڙين کي ڪٿان رنگت نہ ملي
ڇين ڳوليم ٿي مگر ويو سو ملي ڪوچ بنان
پنهنجي نيڻن جي اندر مونکي مليو ننڊ وٽان!

(۳)

تو ۾ ايءُ ننڊ پريل ڪيڏو نہ آنند آتي
تون اچيو شانت ڏين جيون کي جا مانڊاڻ متي
مان تہ سمجهان ويو ڇڻ لٽجي خزانو منهنجو
جي ڪسي ڪوئي مونکان ننڊ جي هڪڙي بہ رتي
شام جو ڊرڪندو گهر ساهي پٽڻ لاءِ وَران
فضل تنهنجي ڪان مگر صبح جو ٿيو مست پوان!

ستل هو روح ائين چڻڪ روح هوئي ڪونہ
وجود اِن جو اڇي ٿو سڄيءَ فضا ۾ نظر
پلا هي کهڙي حسين نازنين جو آنچل هو
ڇهاءَ جنهن جي ڪان جڻ ذري ذري روح اندر
اُٿيو ڇا جوش- محبت جو اضطراب آهي
هوا ۾ ڪنهن تہ ملائي ڇڏيو شراب آهي!

بهار مرڪندي آئي... ذرا نظر تہ وراءِ
دلين ۾ زندگي آئي... ذرا نظر تہ وراءِ
حيات خشڪ ۾ مچلي اُٿيو شباب آهي
هوا ۾ ڪنهن تہ ملائي ڇڏيو شراب آهي!

ڪلين ۾ جوش جوانيءَ جي اچ اُڇل ڪاڏي
حسين چهرا ڪٽي ڦول مرڪندا نڪتا
منين ڏيڻ جي لءِ بلبل ٿي بيقرار گهٽي
پکين جي لات نئين، پريم جي پڪار نئين
انار جوش- مسرت ڪان چڻڪ ڦاٽي ٿو
جوان آڙو ڇوي ٿو تہ ڪو چني مونکي
زمين پنهنجي جواني ڇپائي ڪين سگهي
نديءَ جي سيني جي جذبات بي نقاب آهي
هوا ۾ ڪنهن تہ ملائي ڇڏيو شراب آهي!

هوا ۾ شراب

هوا ۾ ڪنهن تہ ملائي ڇڏيو شراب آهي!
سين تي ڪنهن جي ٿِي يڪسان اڄ عنايت آ
غريب توڙي غني- اڄ انهن جي اکڙين ۾
نشو سمايو آ جنهن جو نہ ڪو حساب آهي
هوا ۾ ڪنهن تہ ملائي ڇڏيو شراب آهي!!

نئين ڪنوار ۽ فوجي جوان جا خط

١- نئين ڪنوار: اُهي مست راتيون-اُهي دل جون باتيون
اُهي روح کي جي چمڻ لاءِ آتيون
اُهي پيار واريون نياريون نگاهون
ڪمر ۾ لپيٽيل اُهي سخت باهون
اچا ڪجھ محبت جي دنيا ڏني مون
ڇڏي مونکي ڀارت جي سرحد تي وئين تون
حياتيءَ جو پل پل ورهيہ جان ٿي گهاريان
اُهي ڏينهن ٿورا مان ساري ٿي ساريان!

٢-فوجي جوان: تون مونکي ٿي سارين-مان توکي ٿو ساريان
وري توسان ڪي ڏينهن گڏجي گذاريان
مگر منهنجي همت کي للڪار ٿي آ
جوانن جي جرات کي للڪار ٿي آ
ڪمر تنهنجي نازڪ مون ٻانهن ۾ ڌاري
لڳي پر هينئر مونکي بندوق پياري
وفادار ڀارت جي مٽيءَ سان ٿيندس
کٽي جنگ پو(۽) توڏي واپس مان ايندس!

بشر بشر تي ڇمايو آ پنهنجو رنگ بهار
خموش پيار ۾ آندو نئون اُمنگ بهار
سين جو چيڙي ڇڏيو آهه انگ انگ بهار
هزار شڪر جو اڄ رُت بسنت جي آئي
دلين ۾ پيار جي جنهن چڻگ آهه پڙڪائي
ڪيو آ منهنجي لءِ ڇا ڇا نه ’شاد‘ موسم اڄ
پلايو عرصي کان پوءِ دلربا حجاب آهي
هوا ۾ ڪنهن نه ملائي ڇڏيو شراب آهي!

٥-نئين ڪنوار: اوهان جو پڙهي خط، جگر ئي جلي ويو
اوهان ۾ غلط ڀاو پيدا ئي ڪئن ٿيو
جوانن ۾ جي خون ڀارت جو جاري
تہ منهنجو بہ نالو آ ڀارت جي ناري
جي تون وئين تہ تنهنجي نشاني بہ لڙندي
مگر هندي ناري نہ اپمان سهندي
شهيدن جي وڌوا نہ سڏبي ڏهاڳڻ
اُها نار سڏبي سدائين سهاڳڻ!

٦-فوجي جوان: مونکي فخر تنهنجي محبت تي آهي
وطن کان مٿي جنهن کي ٻيو ڪي بہ ناهي
وطن لاءِ مربو، وطن لاءِ رهبو
نہ ڀارت جي عزت تي ڪو داغ سهبو
هيءَ ڀومي آسان جي آ 'پريمن' جي ڀومي
اِها 'صاحبن' ۽ 'حميدن' جي ڀومي
جتي 'شاد' پيدا ٿي جهانسيءَ جي راڻي
انهيءَ ديش جي آ انوکي ڪهاڻي!

٣-نئين ڪنوار: ڪٿي جنگ پو(۽) مون ڏي واپس تون ايندين
خوشيءَ جي خبر فخر سان مونکي ڏيندين
تون ئي منهنجي جيون جو آهين سهارو
سندم ڀاڳ جو چمڪندڙ تون ستارو
ڏٺيءَ در سدا اِلتجا مان ڪريان ٿي
وڏي عمر تو لاءِ دم دم مڱان ٿي
مگر منهنجي دل کي آ وَهمن ورايو
ڪڏهن سوُرمن پي آ سرڙو گنوايو!

٤- فوجي جوان: ڪڏهن سورمن پي جي سر آ گنوايو
جنم آهه تن پنهنجو سڦلو بڻايو
مگر هندي جوڌو پي سولو نہ مرندو
وطن سان وچن هو نباهي ئي رهندو
مونکي پنهنجي طاقت ۽ ايمان آهي
قضا سان مري ويس تہ ارمان ناهي
آ منهنجي اِڇا، تون نہ وڌوا ٿي گهارج
نئين زندگيءَ جو ورق تون ورائج!

چنڊ - ياترا

ڪنهن ٿي سمجهيو تہ ڪڏهن اِنسان
پنهنجي قدمن ۾ رکي چنڊ
چڙهي اُن تي وهندو
آفرين تنهنجي شجاعت کي
بهادر انسان!
تنهنجي همت کي سلام آهي
سڄيءَ دنيا جو
عقل، همت جو برابر تو ڪيو آهہ ڪمال
ڪين تعجب ٿو لڳي
تنهنجي ڪرامت تي مگر
تو ڪيون چرخ اکيون آهن
اڳ ڀي هن ڪان
تنهنجون ايجادون انوکيون آهن
پل ۾ آواز ۽ خود تصويرون
ڪئن نہ پهچن ٿيون هزارن ميلن تان!

ڪُوڙا

سيني ۾ عوام جي ٿا ڪُوڙا پچرن
چر ساڻ سنـــدن ڪيلڪي بم گولا پچن
منٿن جي اندر ظلم سڙي خاڪ ٿئي
جي صبر جو ڍڪ لاهي جيي 'شاد' ڪڍن!

اڄا پٽرن جي؟
خوب پٽر ٿا ملن
خوب ملي ٿي مٽي
نہ ملي ٿي پر کائڻ لاءِ
هٿ روٽي
ٿا ڪروڙن ۾ هتي
بک ۾ پاھ ٿين
نہ اڄھو آھ اُنهن کي
نہ بدن لاءِ ڪپڙو
ڪھڙي ڪم جا هي سفر تنهنجا ٿيا
او مٽي چنڊ ڏي ويندڙ راهي؟

چنڊ جي ذات نہ مٽي آهي
حسن ئي چنڊ جو تعارف آ
نہ محبت ٿا اسين خاڪ سان ڌاريون ڪائي
ٿا اسين پيار رکون چانڊنيءَ جي پاڪر سان!

خوب وڳيان جي ڌي آهه ترقي؛
تو پڙهيا آهن قدرت جا
ٻوٽيل در
اڳ يي هن ڪان!
توکي معلوم آ
وڳيان جو هڪ ٻيو يي مگر پهلو آ
جو خطرناڪ ۽ ڪيڏو نہ ڀيانڪ پهلو آ
جو ترقيءَ کي تنزل ۾ مٽائڻ تو گهري
جو ٻين قومن کي رک بڻائڻ تو گهري.
ڪير ڄاڻي هي چنڊ تي پهچڻ
ان ارادي ڪان مڪت يي آهي؟
جو ڪرڻ چاهي تو
فاصلا پنهنجي تابع
اهڙي تجويز هجي جنهن موجب
پاڻ زنده هجون، دنيا کي بڻايون مرده!

وَرنہ هوُ چنڊ تان آيا بہ کڻي ڇا آهن؟
ڪي مٽيءَ جون لپون ۽ ٽڪر پٿرن جا
۽ ويا آهن جنهن جي عيوض
اربين رپيا
ڪوئي سوچي تہ زمين کي آهي
ڪا غرض مٽيءَ جي؟
گهرج هت آهه

لولي

جنهن ۾ ماءُ ڏني مونکي لولي
اُها زنده رکندس ٻولي!

منهنجي دل جي صدا ڪوئي ڪيئن ٻڌي
وجي مونکان زبان جي ڪوئي ڪسي
هن پنهنجي سگهاري سنڌيءَ سان
مان نانءُ ستم جو مٽائيندس!
مونکي ياد رهي سا ڏولي
جنهن ۾ ماءُ ڏني مونکي لولي!!

جنهن ۾ مارئيءَ جي تصوير لڪل
جنهن ۾ آهه وطن جي اُڪير لڪل
مونکي پيارو شاهه جو ورثو آ
جند جان سنڌيءَ تان گهولي
جنهن ۾ ماءُ ڏني مونکي لولي!

منهنجي سنڌ !

آهه ساڳـي زميـن ۽ اُهو آسمـان
هِت بہ آهن، هتي ئي نہ ها گلستان
چؤطرف هِت بہ تو سنڌ وارا ڏسـان
پر لڳي سنڌ جيان چو نہ هنـدوستان!
(١٩٥٢)

انسان آهيون، انسان جيان
غفلت بر كري وهندا آهيون
پر ننڊ منجهان جاڳڻ کان پوءِ
سڀئي واڱر اُٿندا آهيون
سو جوش ڪٽي دل جي اندر
ٽڪرن کي لتاڙيندا آهيون
ڏونگر کي ڏڪائيندا آهيون
هن جوش کي ڏسندي منزل خود
ٿي ماندي ٿئي طالب جي لاءِ
جو جوش جي جذبي ڏي ڇڪجي –
خود ايندو پنهنجي آ سڀئي ڏي!

اڄ هر سنڌي ٿيو مومل آ
مومل جي محبت راڻي سان
سنڌيءَ جي محبت سنڌيءَ سان
اڄ آهه چنيسر جي آڏو
ليلا جو روپ سچائيءَ جو!

سنڌي

سنڌيءَ جو جتي ٿو خون رهي
ان خون مقدس جي اندر
همت تي سدا سهڻيءَ جي رهي
مارئيءَ جي اُتي غيرت تي رهي
غيرت کي پلائي ڪيئن سگهان
همت کي گنوائي ڪيئن سگهان
سنڌيءَ جو شرف آهيم مليو
مان فخر سان سنڌي سڏائيندس
مان شاھ جي پياري ٻوليءَ کي
پنهنجن پراڻن ۾ سمائيندس!

سرحد جي پار

سرحد جي پار منهنجي نظر کي اُڏڻ ڏيو
اصلي وطن جي پيي تہ زمين کي ڏسڻ ڏيو!

هن روح جي ڪڙيءَ کي نہ ورٺي ڪان ڪانجو
ڦٽڪي رهي آ قوم انهيءَ کي جيئڻ ڏيو!

هستيءَ جي گم ٿيڻ جو نہ پيدا گمان ٿئي
منهنجي ڪنن ۾ شاهہ جي ٻولي ٻڌڻ ڏيو!

سنڌوءَ جي ڌارا ڌار رهي ڪانہ ٿي سگهي
ساري نديءَ جي آب کي جهر جهر وَهڻ ڏيو!

هڪڙي بهار، هڪڙي خزان، غم خوشي بہ هڪ
هڪڙي ئي زندگيءَ کي نہ ٽڪرا ٿيڻ ڏيو!

هر فرد جي نراڙ تي هر قوم جو نشان
’سنڌين‘ ۾ مونکي سنڌ جي صورت پسڻ ڏيو!

احسان قديم شمع جا ساقيءَ جي حسن تي
محفل ۾ پورو ذڪر اسان جو ٿيڻ ڏيو!

هن رودن واريءَ دنيا ۾
ٻيجل جو راڳ پريندا سين
سنسار کي سرڳ بڻائڻ لاءِ
سڀ راءِ ڏياچ ٿي پوندا سين
جنتا جي ترقيءَ جي خاطر
خود سر پي اُتاري ڏيندا سين!

او مُک مان باهه ڪڍڻ وارا!
او جنگي ناد وڄائيندڙ
ڪجهه پنهنجي تڪبر کي روڪيو
اڄ شاهه جي نوري نماڻيءَ جي
تصوير جهان کي آڻي ڏيو
اُن شاهه جي وشوَ-محبت جو
پيغام جهان کي پهچايو
سنڌيءَ جي سڪڻ جي دنيا کي
اڄ ’شاد‘ ضرورت ئي پوندي
جو شاهه جي ڪوتا دوران ئي
دنيا کي امن حاصل ٿيندو!

ڪير منهنجي ذهن مان
سنڌوءَ جي سيپتا جا داستان
صدين جي صفحن تي لکيل
مٽائي ٿو سگهي؟

هوا ۾ لٽڪندڙ پير
آخر پنهنجي زمين تي ئي ٽڪندا
پنهنجي زمين ئي انهن کي جاءِ ڏيندي
زمين ۽ ان جي اؤلاد جو
هڪ اهڙو ناتو آهي
جيڪو وقت ۽ فاصلي جي ڌاڳي ٽٽي نٿو سگهي؛
منهنجي سنڌ مونکي ياد آهي
منهنجو پويون نسل به ان کي ياد ڪندو
ان ۾ مونکي ذرو به شڪ نه آهي

وطن جي ياد هڪ ٻرندڙ ٽانڊي مثل آهي
جنهن تي پل ته زماني جي گردش جي
رک چڙهي وڃي
پر ان آگ جو روح
وري وري ان رک کي
ڦوڪ سان اُڏائي ڇڏيندو
۽ ٽانڊو پنهنجي گرماش ۽ روشنيءَ سان
هميشه چمڪندو رهندو!

وطن جي ياد

هي سياسي ليڪا جڙي ٿا سگهن
تہ ڊهي بہ ٿا سگهن
ڇو جو اِهي ڪاغذ تي جڙن ٿا
۽ ڪاغذ تي ڊهن ٿا
منهنجي سنڌ جو نقشو
ڪاغذ جو نقشو نہ آهي
اِهو منهنجي دل جي خون ۾ چٽيل نقشو آهي
جو ڪڏهن بہ ڊهي نہ ٿو سگهي
منهنجي دماغ ۾ سمايل
اِتهاس جو عطا ڪيل
قائم ۽ دائم ورثو آهي!

وطن-دوستي يا وطن-فراموشي
سياست جو حڪم تي نہ ٿو سگهي
وطن-دوستي دل جو جذبو آهي
پنهنجي ڌرتيءَ جي پياري ياد آهي
ڪوئي ان ياد کي مونکان ڪٺن ٿو ڪسي سگهي

تئن تئن
منهنجين ارمانن جي لڪير
ڇڪجندي ڇڪجندي
خوُن جون بوُندوُن ٽپڪائيندي
دراز ٿيندي وڃي ٿي
ڪٿي ٽٽڻ جو امڪان ئي نظر نہ ٿو اچي
بيگانيت
بي حس اکيون ڪٺي
طوفان ۾
ڪکن پکن جيان
هِتي هُتي ٿڦيڙون کائيندي رهي ٿي.
هاڻي تون
انهن کليل سڙڪن کي ئي پنهنجو گهر ڪري ڄاڻ
جي سڙڪون توکي ڀيو ڪيڏانهن بہ وٺي وينديون
پر اِهي تنهنجي گهر ڏي رخ نہ رکنديون.

هيءَ زمين
باغ باغيچا
سامونڊي ڪنارا
واريءَ جا ميدان
منهنجي حوالي تہ آهن
پر خبر ناهي تہ ڇو
اُهي بہ خود مونکي
پنهنجائيءَ جي احساس ڏيڻ کان

انڌو دونهون

هوائن مان آڪسيجن ڪٽندي
پنهنجي جسم کي تہ هلائيندو آيو آهيان
پر
روح جي زخم جي اونهائي
جنهن گهرائيءَ تائين پهچي ويئي آهي
تنهن جي علاج لاءِ
ڪهڙيون هوائون ڳولهيان؟

زمين تي رهندي بہ
زمين کي پنهنجي دل اندر جاءِ ڏيئي نہ سگهيو آهيان
ديوارن جي اندر محفوظ هوندي بہ
هميشه پاڻ کي
کليل سڙڪن تي سهيل محسوس ڪيو اٿم.
هيءَ راهہ بہ هڪ اهڙي راهہ آهي
جتي
جٿن جٿن اڳتي وڌندو وڃان ٿو

هڪ جسم جا ڪئين حصا
سيئي جيئرا آهن-ڇهري ڪان سواءِ
آواز آهي
پر ڪنيل ۽ ڇڇريل
مان پنهنجي پوري زور سان
آواز ڪي
معنيٰ جي آڪار ڏيڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو
آواز ڪنن جي اوٽ ونڻ بدران
منهنجين اکين سامهون سوال بڻجي
غصي مان گهور ڪري نهاري ٿو
مان جڙتو آواز جو
سهارو وٺان ٿو
پر جڙتو آواز سان
انسان
ڪيستائي ڪجهه ٻڌائي سگهندو؟
شڪست
ڦٽڪن جي سزا ڪاٽل
بي ڏوهيءَ جيان
زمين تي ڦان ٿي ڪري پوي ٿي
ڳوڙها
ازخود
اکين مان ٽپڪي پون ٿا
دل جي دانهن
پنهنجو سڪون
پنهنجي

قاصر آهن.

نہ زمين تي پختو آهيان
نہ هوا ۾ لٽڪيل
آهيان الائي آهيان ئي ڪونہ
منهنجو وجود ڇاهي
نہ تصوف نہ ويدانت
ڪوئي سات نہ ٿو ڏئي
تاريخ تہ ڇڏ
پنجن هزارن سالن جي تبديلن جو
وڏي ۾ وڏو بڪ
مونکي بڻايو آهي
وقت جي گردش سان
اتهاس جي راڪيٽ مان ڇوڙجي
اچي پيو آهيان الڳ هيٺن تي
جتي
ڇوڏاري
ڪاري سمنڊ جون ڪئين بلائون
پنهنجون ڇيون
ڪارتوسن جي باهہ جيان ڪڍي بيٺيون آهن
منهنجو هر سواس
هر گهڙيءَ
بجليءَ جي ڪليل تارن ۾ جڪڙجي
اليڪٽرڪ شاڪس ۾ وڪوڙجي ويو آهي

حقيقت جو روپ نہ وٺنديون.

عام طور تہ ماءُ ئي ڪنهن ٻار کي
گود ۾ وٺندي آهي
هتي مون پاڻ کي پاڻ اُچلايو آهي
نئين ماءُ جي گود ۾
اصلي ماءُ جو سنيھ ڪٿان آڻيان؟
هن دک جون گهرايون تہ فقط
پنهنجي ماءُ ئي پروڙي سگهندي
نئينءَ ماءُ کي ڪهڙي ڪل
درد ۾ چليل دل جي؛
ڪيئي سال گذري ويا آهن
اڄ توکان جدا ٿئي
تون پنهنجيءَ ڇاتيءَ ڏي اُچلايل
منهنجن ننڍڙن ننڍڙن
اڇن اڇن نرم پيرن جي ڇهاءَ کان
سڪيل آهين
مان هتي گرم گرم گود جي
ابدي آرام کان محروم
بنا زمين پٽڪي رهيو آهيان.

ڌرتي تہ ڌرتيءَ جهڙي ٿيندي آهي
پر جنهن ڌرتيءَ

دل جي دانهن ۾ ئي ڳولهي ٿي.

وڇوڙو
هڪ اهڙو درد آهي
جيڪو ڏيکاري نہ ڏئي ٿو
ڪڏهن اهڙي ڏيکاري ٿو ڏي
جو انسان ائين ٿو محسوس ڪري
تہ هيءُ درد
کهڙيءَ بہ خوشيءَ جو مفهوم
اُجاڙي ختم ڪري ٿو ڇڏي.

پيار ڪرڻ وقت
مونکي اها خبر ٿوروئي هئي
تہ مان پيار ڪري رهيو آهيان
اها خبر تہ تڏهن پيئي
جڏهن مونکي توکان ڌار ڪيو ويو
هينئر تہ بس آهي خالي ماضي
۽ ذهن ۾ اُڪريل
تنهنجون پياريون تصويرون
جيڪي زندگيءَ ڀر
تصويرون ٿي رهنديون
۽ منهنجي لاءِ ڪڏهن بہ

رنگ روغن هٽي
فخر سان پيش ڪريان ٿو
شايد مان رستي جو پٿر ئي آهيان
پٿر کي ڪائي قومي صفت نہ ٿيندي آهي
اُن کي ڪنھن بہ پرڳڻي جي نالي سان نہ پڪاريو ويندو آهي.

زمين کي ڀاڱا ڪرڻ آسان آهي
دل کي ڀاڱا ڪرڻ سان
بجليءَ جو ڦهر پيدا ٿي سگھي ٿو
زلزلو برپا ٿي سگھي ٿو
هيءَ جا جلاوطني آهي
تنھن ۾ وطن تہ پري رهيو
تاريخ ۽ تھذيب جي هزارن سالن جي
تصور کي ئي مونکان کسيو ويو آهي
مان هڪ سياسي نڌڻڪو ٻچي
ڪڏهن ڪنھن راه تي
تہ ڪڏهن ڪنھن راه تي
ڀٽڪندو رهان ٿو
خبر ناهي آخر
انجام ڪهڙو ٿيندو؟

منھنجو روحن جي ڀٽڪڻ ۾ اعتبار نہ آهي
پر اڄ محسوس ڪريان ٿو

مونکي پنهنجي ازل سان اٽڪائي ڇڏيو هو
اُن ڌرتيءَ جو ڇهاءُ
مان ڪٿان آڻيان؟
وقت کان ڪٽجي ويلُ
منهنجي جيئڻ جو هر پلُ
پنهنجو پاڻ تائين محدودُ
نہ ماضي، نہ مستقبلُ
جهڙي شروعات، تهڙي پڇاڙي
سياست جي هوس گيريءَ
منهنجي سياڻپ جي تاريخ ئي مٽائي ڇڏي

قوميت جي جذبي جو اُسرڻ
پهريائين پنهنجي گهر سان ئي ٿئي ٿو
’سب ليٽ‘ ٽيل گهر ۾
مان مالڪيءَ جو ڪهڙو دم هڻي سگهان ٿو؟
حقيقت ۾ مان فقير ئي تہ آهيان
جو هر دفعي
هٿ ڦهلائي
ڪجهہ گهران ٿو
پر تضاد تہ اِهو آهي
جو مان پنهنجي شرم کي پرچائڻ لاءِ
۽ ڪمتريءَ جي احساس کي لڪائڻ لاءِ
پنهنجي خودداريءَ جي
جهوني تصوير کي

پري ٿو ڪري
انڌي دونهين جيان
چوڌاري ڦهلجندو رهي ٿو
۽ ڪنهن جي پڪڙ ۾ نہ ٿو اچي
ميدانن يا مندرن ۽ مسجدن مان نڪري
انسان جي ساري جسم ۾
زهر پري ٿو ڇڏي.

اڄ منهنجي سر تي ماءُ جو سايو نہ آهي
ان ڪري مان
آوارا گرديءَ جو شڪار بڻجان ٿو
منهنجي آوارا گردي
فقط ديس تائين محدود نہ آهي
اها انٽرنيشنل حدن ۾ پکڙيل آهي
منهنجي حالت بہ
خبر ناهي تہ
'جپسين' جهڙي حالت تي رهندي
يا مون کي بہ ڪٽي
ساهہ پٽڻ جو موقعو ملندو؛
مون ڪيئي دفعا پنهنجي هستيءَ بابت
پاڻ کي خاطري ڏيڻ لاءِ
پنهنجين حاصلاتن جي نمايش ڪئي آهي
مگر اندرُ ڪاڏل اٿم
اها بہ ڪا هستي ڇئبي

تہ روح پڻ ٿيندا آهن
۽ هڪ منهنجو روح آهي
جيڪو هر طرف ڀٽڪي رهيو آهي
۽ شايد هميشه ڀٽڪندو رهندو.

هيءُ فرياد بہ هڪ اهڙي فرياد آهي
جنهن جي ٻڌڻ واسطي
ساريءَ دنيا جي ڪورٽن جا منصف
انصاف ڏيڻ کان عاجز ٿي ويندا
جوابدار ڪنهن کي ٺهرائجي
سياست جي سؤديبازيءَ کي
يا ڌرم ۽ مذهب جي
صدين کان گمراهہ ڪندڙ
حرفت بازين کي
جوابدار کي شڪل هوندي بہ
شڪل ڪانهي
ان ڪري هو تلوار هٿن ۾ کڻي
بي لغام قتل ڪندو رهي ٿو
ڪڏهن ڪنهن ابهم کي .
پيءُ ماءُ کان جدا ٿو ڪري
تہ ڪڏهن ڪنهن نؤورنيءَ کي
پنهنجي گهوٽ کان الڳ ٿو ڪري
ڪڏهن ڀيڻ کي ڀاءُ کان
تہ ڪڏهن پريتم کي پريتما کان

هٿ لڳائي
خوش ٿيان ٿو
هينئر مان پنهنجو پاڻ کان پري
ڪائي دنيا ڏسڻ لاءِ
تيار نہ آهيان
ڇو جو ائين ڪرڻ سان
مان پنهنجي مليل عمر جو
معياد ختم ڪري سگهان ٿو
اِها آهي منهنجي جسماني عمر
جنهن کي ٻيو جنم وري نہ ملندو
ٻيو جنم بہ ڇاتي ملندو؟
روح کي ٻئي جنم وٺڻ لاءِ بہ
ٻاهريون قالب تہ گهرجي ئي
مونکي ٻاهريون جسم جو قالب
هوندوئي ڪونہ
تہ روح ڇا ۾ داخل ٿيندو؟

جيڪا دنيا جي نقشي تي
ڪنهن بہ هنڌ
پنهنجي واقفيت نہ ٿي ڳولهي سگهي؛
پنهنجي تصوير کي
ٻين جي تصوير مٿان اتڪائڻ مان ڇا ورندو؟
آئيني ۾ ڏسان ٿو تہ
منهنجين حاصلاتن جي باوجود
مونکي سچ ئي سچ پيئي نظر اچي
ان سچ جي صورت ڏسي
مونکي ائين ٿو لڳي
تہ مان 'مان' نہ رهيو آهيان
۽ منهنجي عيوض
منهنجي سامهون آهي
هڪ ٻي جان پاڇو
جنهن جي سڃاڻپ
خود منهنجين ئي اکين کان
غائب آهي
مان ان آئيني کي پڃي
ٽڪريون ٽڪريون ڪري
ڦٽو ڪري ٿو ڇڏيان
۽
ڇپن ڪنن ۽ اکين واري
ساڏارڻ چهري کي
ڏسڻ شروع ڪريان ٿو
پنهنجي چرڻ پرڻ واري جسم کي

مان اهي روشنيون تپسيا جون
هن ’سپير‘ دنيا ۾
ڪنهن کي ڏيان؟
ڪير طوفان منهنجا ڳوليندو
ڪير پولار کي پروڙيندو
ڪير قوت ڏسي سگهي اُن جي
ڪير ڪنوٽين جي قهر کي جاچي
جذب ٿيندڙيون وڄن ٿيون جي
دل جي گنبذ تي
نوڪ جي اندر؛
ڪير تصوير ڪڍي آنسن جي
جن کي ڪنهن روپ جي ملڻ ڪان اڳ
هي بيابان گرم واريءَ جو
ٿو وٺي زور سان چوسي؛
ڪير ڪنهن رات ڏي نهاريندو
صبح جي آسري فقط جنهن ۾
ڪوئي بس مرڪ منهن تي آڻي ڪئن
رات جي زهر کي پيئي وينو!

تپسيا جون روشنيون

دل ۾ سانڊيل جو محبت جو اٿر
آهه ورهين کان
سو اٿر ڪنهن کي ڏيان؟
آگ جا پڙڪي اُٿيا شعلا
مگر
دل نه ڳري
لوهه مثل
لال لال ٻڙڪي پئي

زحمت

پنهنجي ننڍڙي دنيا کان ٻاهر نڪري
سچي خيالات کي
سرشٽيءَ جي وشالتا سان
هم آغوش ڪري ڇڏ —
انسان تي
فيلسوفن جي زحمت!

’ايئرڪنڊيشنڊ‘ بنگلن مان
يا
پهريدارن جي پريان ٻهي
عوام کي اُپارڻ:
’وطن تان سر گهوري ڇڏ‘—
انسان تي
سياستدانن جي زحمت!

صبح ۽ سانجهي

هر صبح جو سورج
منهنجي لاءِ هڪ نئون سورج هوندو آهي
هر صبح منهنجي لاءِ
زندگيءَ جي شروعات هوندو آهي
اڳينءَ رات جو
مان پنهنجي ڪل حسرتن کي
ننڊ جي انڌڪار ۾ مِٽائي
صبح جو نئون سنئون ٿي اُٿندو آهيان؛
پر سانجهيءَ تائين
سيئي حسرتون مِڙي
مونکي اهو احساس ڏياريندڀون آهن
تہ زندگي
شروع کان آخر تائين
حسرتون ئي حسرتون آهي -
مان سوچڻ لڳندو آهيان
تہ منهنجو 'مان'
صبح وارو سچو آهي
يا سانجهيءَ وارو؟

منهنجو گهر
وسيع دنيا سان
وشال آتما سان
ڪشادي قوميت
۽
سرو سماج سان
هر معنيٰ ۾ ٽي ويو آهي؛
مان
پنهنجي ’مان‘
۽ پنهنجي گهر کي
اونداهين جي عميق اندر
ٽاڪوڙا هڻي
ڳولي رهيو آهيان!
ڪٿي آهي منهنجو ’مان‘
منهنجو ننڍڙو پيارو گهر
’وشالتا‘ کان وڏو
جنهن اڳيان
منهنجي لاءِ
دنيا جو تصور
هڪ ٻڙيءَ مثل آهي!

ڏک سک ايشور جي مايا آهي
جهڙو جنھنجو مقدر
رضا تي راضي رھ
ننڊ ۾ سمهاري ڇڏڻ جي ترتيب -
انسان تي
ڌرم جي رکوارن جي زحمت!

عورت
آتمڪ اُنتيءَ جي راھ ۾
رڪاوٽ آهي
هن جي جسم جو تصور بہ نہ ڪر -
انسان تي
يوڳين ۽ تپسوين جي زحمت!

منھنجو ’مان‘
ڪنڊن جي ڍيرن اندر ڌڪيل
هر پهلوءَ جو
ذرو ذرو زخميل
ڇچڙجي ويل؛
ڪنڊا آشڪار آهن
منھنجو ’مان‘ گم آهي؛
منھنجي ننڍڙي دنيا

سياسي شينهنِ جي لڙائي

اسان کي
شينهنِ جي لڙائي ڏسڻ ۾
مشغول رکيو ويجي ٿو
زندگيءَ جو مرڪز
لڙائي آهي
صلح جون ڳالهيون
امن، ايڪتا ۽ شانتيءَ جا گفتا
طاقت کي محفوظ رکڻ لاءِ ئي
هٿيار آهن؛
ڊراما جي اداڪارن جو
نهايت ئي اثرائتو پارٽ آهي
اسان جي دل، دماغ
بلڪ
ساري وجود مٿان
اِهي ڇانئجي وڃن ٿا
اهو ڊراما
فقط ٻن ائڪٽن جو نہ آهي
هزارين ائڪٽ آهن
انهيءَ ڊراما ۾!

آزادي - غلامي

اسين سڀ
زنجيرن ۾ جڪڙيل آهيون
زبان تي آزاديءَ جي گفتار
هٿ، ٻانهون
۽
پير
اشڪنجي ۾ اٽڪيل
سيينا جي ڪاغذي محلات جو
چمڪندڙ رنگ
۽ ان جو رعب
عزت افزائيءَ لاءِ،
رڳن ۾
سماج جا نشتر چڀيل –
ڏڪندڙ آتما کي ڪٽي
ٻولڻ ۽ لئچز سان
بند ڪيل گهر اندر
آرام جي زندگي بسر ڪرڻ جي چاهنا ۾
غلاميءَ جي ذلت کي
آزاديءَ جي معنيٰ ڏئي وينا آهيون!

بيمار سپينا

سڀ انسان ذات
هڪ بيمار سپينا جي
اولاد آهي،
جنهن يا تہ
نانگن ۽ بلائن جي پوڄا ڪئي آهي
يا پٿر جي مورتن جي
يا
تربتن جي
باهين ۽ درياهن جي
يا ’وزربس ۽ وچز‘ جي
جادوءَ جي،
فلاسافرن
پنهنجي اعليٰ ڄاڻ جي
مظاهري ڪرڻ لاءِ

ڌرم ۽ مذهب

ڪاش
انسانن جي وچ ۾
فقط عشق جو ئي تصور هجي؛
ڌرم ۽ مذهب
ماءُ ۽ پيءُ جي سزا آهي
جيڪا هو
ٻار کي
ڪنهن به گناهه بنا
جنم کان اڳ ئي ڏئي ٿا ڇڏين!

تہ قدرت جي ڳجھن ۾
هٿ وجھي
اسان
ان مٿان فتح پائڻ شروع ڪئي آهي؛
انسان جي من ۾
وڏيڪ ڇڪتاڻ پيدا ٿي
هوُ نہ هِتان جو رهيو
نہ هُتان جو،
سائنس هن کي دماغ ڏنو
دماغ سوچيندو رهيو
پر اُهو ٿڪجي پيو
ڪجھ حاصل نہ ٿيو
من جي ڇڪتاڻ
پريشاني ۽ پيڙا
اڳي کان بہ
وڌي ويئون
انسان جي حالت
بدتر ٿي ويئي
نہ وهم جو سهارو
نہ سائنس جو ساٿ
انسان
نہ هِتان جو رهيو آهي
نہ هُتان جو!

ڪئين نمونن جا ايشور ناهيا
آتمائون ناهيون
اهڙيءَ طرح
انسان هميشه جهڪندو ئي رهيو
ڪنهن بہ ئي جي اڳيان؛
سندس من
هراس ۾ رهيو
هو وهمن ۽ سنسن جو
شڪار ٿي ويو؛
اهو آهي 'آتم ورٿو'
جيڪو
اسان کي سيپتا ڏنو آهي!
انسان
پريشان آهي
هو ٻپ جي راڪاس کان
اڃا پاڻ کي آجو نہ ڪري سگهيو آهي
ٻپ، ٻپ آهي
پوءِ اهو
نانگن ۽ بلائن کي ناراض ڪرڻ جو هجي
يا ايشور کي؛
سائنسدانن
'لئباريٽريون' کولي
ائين سمجهيو

دل جي بي ڪنار پيار تي ٻڌل هو
جو پيار
دل جي هر ذري
۽ خون جي
قطري قطري ۾ سمايل هو؛
حقيقت ۾
جي اِهو زنده آهي
ته انسان جي تهذيب زنده آهي
پر اڄ
تهذيب جي صورت
مشين جي ڪمال ۾ مٽجي ويئي آهي
۽ دل
پنهنجي خون ۽ ماس جي صورت مٽائي
ڪامپيوٽر جي صورت اختيار ڪئي آهي!

دل

دل جي لال لال رنگ ۾
جذبات جا تڙيل قول
هوا ۾ ائين لهرائيندا هئا
ڄڻ چوڌاري پاڪيزگي
ڇانئجي ويندي هئي
منهنجي محبت
تنهنجي لاءِ
زندگيءَ جي جاوداني هئي
تنهنجي محبت
منهنجي لاءِ
سڪون جو سرچشمو هئي
تنهنجي منهنجي رشتن جو اهو سلسلو

ڪنهن وڻ هينان سمهي پوڻ جي

ششدر اڇا

ٽڪل ماندو

هيڏانهن هوڏانهن نهاريان ٿو

پر ڪنهن هنڌ به

ڇانوَ نظر نہ ٿي اچي

ڇانوَ

هن سفر سان وابستہ ڪرڻ

عبث آهي؛

پير

آٽوميٽڪ مشين جيان

اڳتي هلڻ شروع ڪن ٿا!

جيون جي آس

جيون جي هيءَ ننڍڙي آس

سورج جا تيز تير نراڙ ۾ اکين ۾ چڀيل

پير پٿون ٽيل

لوڙهي کي لتاڙڻ جي فڪر ۾

حيران پريشان،

شڪست جو احساس ڪٽي

سياست جو ’سچ‘

اسان جو سچو ضمير
اخبارن جي اکرن ۾ قيد آهي؛
اسان جي جدوجهد
اضافي شڪتيءَ جي اظهار جو
وسيلو آهي؛
اسان جا عقيدا
اساڏارڻ شخصيت جا
مصنوعي فانوس آهن
اثر ڇمائڻ لاءِ؛
سياست ئي
اڄوڪي زندگيءَ جو
’سچ‘ آهي
جنهن پنهنجي
انڌي ڪندڙ تيز روشنيءَ سان
اسان سڀني جون
اکيون بند ڪري ڇڏيون آهن!

خال

اڄ جي دنيا ۾
دماغ جو خال
ڪيترن ئي علمن سان ڀري سگهجي ٿو
پر هيءَ جو دل ۾
اٿاهه خال ئي خال آهي
تنهن کي
زندگيءَ جي
ڪهڙي علم سان ڀريان!

عورت سان پيار

عورت سان پيار
معنيٰ
عورت جي جسم سان پيار
آتما جو پيار نہ فقط
ايشور سان ئي ٿي سگهي ٿو؛
عورت جي آتما تائين پهچڻ ۾
هٿن کي ڪهڙو سپرش ٿيندو
۽ تن ۽ من جو ڪهڙو لطف ايندو؟

سوجهرو

هِڪَ سوجهري جي سڪ
سالن کان سيني اندر ڪٽي
هلندا آياسين؛
پر ڪن کي اوندهه سان عشق آهي
سوجهري جي اچڻ جا امڪان ڏسي
اوندهه کي سوجهري مٿان اُڇلائڻ لاءِ
ڏينهن رات هڪ ڪري رهيا آهن!

ڀونرو

هن جي اکين جو خمار
۽ سيني جو اُڀار
کنن وٽ وارن جو ونگ
مرڪندڙ مکڙو
ڪنهن رنگين ڳالھ تي
چرڪ ڀريءَ مرڪ سان ڳڻ
ڳاڙهي رنگ جو ڳلن تي مڙي اچڻ
۽ منهنجي نظرن جي ڀونري جو
اُن ڪي چھٽي پوڻ !

ساڙهي

تو پنهنجي ساڙهيءَ جي پلوَ کي ڇڪي
پاڻ کي بلڪل ڍڪي ڍومي ڇڏيو
انهيءَ ارادي سان
تہ تون پنهنجي
بدن کي
ٻين جي نظرن کان
بچائي سگهندينءَ؛
پر ائين ڪندي
پاڻ تو ڏيکاريو
تہ عورت جو بدن
ڪنهن بہ حالت ۾ لڪڻ جو نہ آهي
تنهنجي ڇڪيل ساڙهيءَ مان
زناني حسن جون سندر ليڪون
تهائين وڌيڪ پڌريون ٿي پيئون
۽ ان حسن جو
هڪ ٻيو
نئون پهلوُ
اُڀري آشڪار ٿي پيو!

پنڌ

اسان سيني جو گذر
گھور اونده مان آهي
جتي
جهڙو اکيون کولي هلڻ
تهڙو بند ڪري
ڏسڻ جو سوال ئي نہ ٿو اُٿي
راھ ٻڌائڻ
معنيٰ
وقت جو زيان
زندگي پنڌ ئي پنڌ آهي
پنڌ زندگيءَ جو ٻيو نالو آهي
اهو پنڌ ان حد تي ختم ٿئي ٿو
جتي انسان جو جيئڻ ختم ٿئي ٿو!

محبت

ڪاش!
محبت ڪي انسان
جسم جي محبت تائين محدود رکي
دل جي محبت
فقط لفظ آهن
حقيقت جي دائري کان پري
هڪ غير فطري محفل ۾ داخل ٿيڻ لاءِ
پنهنجو پاڻ کي دعوت !

جسم جسم آهي
ان جو ڇهاءُ
زندگيءَ جي حرڪت آهي
حرڪت سچ آهي
باقي ٻيو سڀ ڪوڙ
دل جي محبت
بيڪاريءَ جو بهانو آهي
زندگيءَ جو هر گهڙيءَ موت!

غم ۽ خوشي

غم جي سمنڊ ۾
خوشيءَ جون لهرون اُٿي
وري ان ۾
مِنجي وڃن ٿيون
لهر ڪي ڪائي الڳ هستي ڪانهي
فقط سمنڊ ڪي ئي هستي آهي
خوشيءَ ڪي ڪائي جدا هستي ڪانهي
فقط غم ڪي ئي هستي آهي!

پيڙا

منهنجي هن پيڙا جو
نہ خدا کي درد ٿيندو
نہ انسان کي
پيڙا کي جڏي ٿو ڏيان
تہ خود اُها
منهنجو دشمن بڻجي
مونتي وار ٿي ڪري
بهتر آهي تہ مان
پنهنجي ’مان‘ جي ڪردار کي
اهڙو اُپاريان
جنهن کي نہ خدا جي رحم جي ضرورت رهي
نہ انسان جي همدرديءَ جي
۽ نہ خود پيڙا جي دشمنيءَ جي
پنهنجي دل، دماغ
۽ جسم جي عطا ٿيل قوّت سان
هر احساس جي
لطف کي چوسيان!

انـــذڪار

انذڪار
انسان سان
هميشھ ساڻ آهي
ڳريءَ ۾ انذڪار
۽ موٽ کان پوءِ پڻ انذڪار
زندگيءَ ۾ بہ
انذڪار ئي ساڻ آهي
پر اُتي
انسان
نقلي سورج ڪڍي
انذڪار کي مِٽائڻ جي فضول ڪوشش ٿو ڪري!

هندورو

اصل ۾ زندگي
هڪ دکڻ جي پيرِي آهي
جنهن کي اسين
هندوري ۾ وجهي هلون ٿا
۽ اهو گمان ٿا ڪريون
تہ
زندگيءَ ۾
هندوري جو آنند آهي!

پرماتما.....

خبر ناهي
تہ مونکي
تو سان نباهڻو آهي
يا دنيا سان؟
توسان ٿو نباهيان
تہ دنيا کان ٿو وڃان
دنيا سان ٿو نباهيان
تہ توکان ٿو وڃان
هر حالت ۾
نقصان مونکي ئي آهي؛
تہ پوءِ ڇونہ
فائدي جي ڳالھ سوچي
مان فقط
پنهنجو پاڻ سان ئي نباهيان!

راھہ

هي کهڙيءَ راھ تي اچي پهتا آهيون
جو اها بہ خبر نہ ٿي پوي
تہ اسان جو
ايندڙ قدم
اسان کي
ڪيڏانهن وٺي هلندو؛
رستو آهي
انسان جي هلڻ لاءِ
۽ اڳتي قدم وڌائڻ لاءِ
پر عجب آهي
ان رستي جي ڄاڻ ڪان
خود انسان ئي اڻڄاڻ آهي!

نئون جنم

هر گهڙيءَ مان نئون جنم وٺان ٿو
ڇو جو
ماضي منهنجي ذهن تي
ڪوبہ نشان نٿو ڇڏي
موٽ کي
بي نشان مستقبل جو تصوّر آهي
ان ڪري
اُهو بہ منهنجي لاءِ
ڪا معنيٰ نہ ٿو رکي.

تـون ۽ مـان

’تو‘ ۽ ’مون‘ وچ ۾
جيستائين
فرق رهندو
تيستائين
مان
پاڻ کي
تنهنجو غلام پيو سمجهندس
غلام ڪڏهن به
ترقي نه ڪري سگهندو
ڪاش
’مان‘ ’تون‘ بڻجي پوان
۽
ڪنوڻ جي رفتار سان
اڳتي قدم رکان!

خودي

مان تنهنجي آسمان هيٺان
رستي تي سمهيو پيو آهيان
برسات جون گوليون ڇا
هينئر تون
باھ جا تير وَسائي سگھين ٿو
مان اُهي سهي به
پنهنجي زندگيءَ جو معياد
ختم ڪندس
ان ڪان خود تون
مونکي روڪي نه ٿو سگھين؛
فرق اِهو ٿيندو
ته تون
پنهنجي خوديءَ جو مظاهرو ڪندين
۽ مان
پنهنجي خوديءَ جو
اهڙو احساس رکي
ڪنهن نموني ته
تنهنجي ستم جو مقابلو ڪري سگھندس
باقي تون مونسان ڪوئي وَڙ ڪندين
اِهو شايد تنهنجي وَس کان ٻاهر آهي!

انسان ۽ ايشور

خدا خود قسمت جي قيد ۾ قابو آهي
پوءِ هو
انسان جي قسمت کي
ڪيئن ٿو مٽائي سگهي؟
انسان کي آئيندي جي خبر ڪانهي
ان ڪري هُو
جدوجهد ڪندو رهي ٿو
ايشور انسان جي آئيندي کان
اڳ ۾ ئي واقف آهي
پر ان کي ڦيرائي نہ ٿو سگهي
ان ڪري هو بيوس آهي؛
انسان کي چاڻ آهي
تہ هُو بہ
قسمت جي قيد ۾ قابو آهي
پر تڏهن بہ هو مقابلو ڪندو رهي ٿو
اها حقيقت
انسان کي خدا کان
وڏيڪ طاقتور بڻائي ٿي!

ڏاهيون ڏک ڏسن

نرتيه ناٽڪ (ڪوتا ۾)

نظارو ١. ڪؤنروؤ جي محل جو ڪمرو

چنڊ جهڙي منڊ آ بيني جواهرن سان جڙِي
آهه ليڪن حسرتن جي ڏنڊڪاري ۾ ڪڙِي

ڪو نه اڄ هن حور جون ڪجهه حسرتون ٽوڙي اچي
ڪي گهڙيون ئي ڪو نه هن جي ياڳ کي جوڙي اچي!

.....

اڄ بهاريءَ جو سڄيءَ دنيا تي آ ڇانيل خمار
راڄ - ڪنيا جي نه دل جي باغ ۾ پر آ بهار

ڪلپنا ۾ ڏيندو درسن ڪيس من جو ميت آ
اڻ ڏٺي عاشق تيڻ جي هيءَ انوکي ريت آ

هار ۽ سينگار تيا هنجا ڇنيسر واسطي
تيو جڻڻ هن ڇو فقط هڪ پنهنجي دلبر واسطي

سالَ ۽ منٽ

سالَ
منٽن جان اُڏامندا وڃن ٿا
منٽن جي مقدار مان ڇا ٿيندو
بيوسي اُيري بهي ٿي
جدوجهد کي سمجهڻ لاءِ بہ
وڏيڪ منٽ وِڃائڻ آجايا لڳن ٿا
سالَ منٽن جان اُڏامندا وڃن ٿا
منٽن جي ننڍڙي مقدار کي ڏِسي
سوچ ويچار جي وجود کي
ڏِسڻ کان ئي انڪار ڪريان ٿو
حاصل ڪرڻ ڇا آهي
گنوائڻ ڇا آهي
پاڻ کي نڳڻ جا ئي خيال آهن
منٽن مان
سالن جو لطف حاصل ڪرڻ لاءِ
پاڻ کي
بي مقصد راهن تي هلڻ لاءِ
اُڇلائي ٿو ڇڏيان.

خاڪ ٿـي ويـندي اسـانجي آرزو، ناهي خبر
يا اسانجي دانهن جو پيي ٿيندو دلبر تي اثر!“
...   .

ماءُ ڪؤنروءَ جي پري ڪان حال هيءُ ڏسـنـدي رهـي
پنهنجي پچڙيءَ کي ڏسي دل تي سندس ڏڪندي رهي

آئي جيجـل ڏيءُ ڪـي آٿـت ڏيڻ جي واسطي
هن جي زخمن جي مٽان مرهم رکڻ جي واسطي

پل تہ سهٽيون ديس جون حاڪم چنيسر تي مرن
پنهنجي ليلا سان مگر هئي اڻ مئي هن جي لگن

هوُڪندو ڪؤنرو کي پنهنجو ڳالھ هيءَ مشڪل هئي
پـر ارادو مـاءُ جـو هـو پاڻٽي مـنزل هئـي

فيصلو ٿيو هو وڃـن جـلدي چـنيسر جي وطن
ويس پنهنجي کي مٽائي ويس وڻجارين جو ڪن

رمز سان راجـا کـي ڪـؤنرو پاڻتي موهي ڇڏي
ڪنهن نموني ساڻ من پنهنجي ڦٽل قسمت اڏي!

غمزده ڪؤنروءَ کي پنهنجي ئي خيالن ۾ ڏسي
هڪ سهيلي چوري چوريءَ آئــي ۽ بيــني لــکي

اوچتو ڪؤنروءَ جون اکڙيون ساهيڙيءَ هوٿي ڇڏيـون
ڪوششون هنکان ڇڏائڻ جون ڪيون ڪؤنروءَ گهڻيون

ٽهڪڙا ڏينديون سهيليون موج ۾ جهومڻ لڳيون
ڇڻڪ ڪؤنروءَ وٽ ڪٺي آيون بهاريءَ کي سکيون

اڄ هوا جي جهونڪي جهونڪي ۾ پريل آهي شراب
اڄ جواني مست ٿيندي، اڄ اُڏي ويندو حجاب

روح جـي دريـا جــو ذرو ذرو چــولــيــمــار آ
پير ڌرتـــيءَ تان اُڏامـــن، رقـــص جي رفتار آ

(ڪؤنرو جي چؤڌاري سهيلين جو ناچ)

ناچ پوري ٿيڻ کانپوءِ ڪؤنرو جو آواز:

”اي سهيليون پنهنجي ڪؤنرو جي ٻه سُڏ لهنديون وجو
دل ۾ ڪيڏا داغ ٿي ويا سي ٻه ڪجهه ڏسنديون وجو

ماءِ ڪؤنروءَ کي وني بيني اچــي راڻيءَ اڳيان
عرض پنهنجي کي رکيائين درد جي انداز سان

آئي ڏاڍي ڪهل ليلا کي هنن جي حال تـــي
ڪم رکيائين پڳ اُٽڻ جو تن مان هڪڙيءَ زال تي

ٻيءَ تي ڪم هن راڻي جي سيجا وڇائڻ جو رکيو
خوب خوش ڪؤنرو ٿي، جڻ اونداهه ۾ سورج بکيو

ڪي گهڙيون ڪؤنرو فقط ليلا کي ڏسندي ئي رهي
حسن ۾ هڪ تون نه آهين پاڻ کي چوندي رهي

پيسجي قسمت جي وينديون ڇيڇڙيءَ ۾ ڇا خبر
يا مٽائينديون هلي تقدير جو اُلٽو چڪر!

نظارو ٣. (چنيسر جي محل جو ڪمرو)

نيڻ راجن پنهنجا ٿي ور ور ڪري در ڏي ڪيا
دل جي سنگهاسن جي راڻي مرڪندي آئي اِجها

آرتي هٿ ۾، مٿي تي هو سهاڳڻ کي سندوُر
آئي مالڪ کان مڱڻ هوءَ سرس سِڪ وارو سروُر

نظارو ٢. (چنيسر جي محل جو اڱڻ)

آ سياڳو جنم-ڏن راجا چنيسر جام جو
شان لاثاني ٿو ڏسجي راڄڌاني ڳام جو

ويا کلي شاهي محل جا دوار جنتا واسطي
شيِ اِچائون هرڪو آڻي پنهنجي راجا واسطي

اوچتو دروازي کان گهڙنديون ٻه آيون عورتون
پورهيتون پوشاڪ ۾ پر روپ ۾ راڻيون هيون

هڪ هئي بدبخت ڪوُنرو ٻي هئي اُن جي امڙ
ٿــي چــڪو هو آس جو گلشن سڄو جن لءِ اُجڙ

ڀڻڪنديون چارا ڏکيرا طيءُ ڪنديون آيون هيون
پر نہ راجا ٿي ملين، وئڙڻ وين سڀ ڪوششون

اڄ خوشيءَ جي ڏينهن آيون عرض راڻيءَ کي ڪرڻ
آيون مقصد واسطي محلات ۾ داسيون ٿيڻ

چوطرف آواز گونجي ٿو تہ راڻي ٿي اچي
شادمانا ٿا مچن هرڪو خوشيءَ ۾ ٿو نچي

ڪي گهڙيون سپنن سنديءَ آغوش ۾ ليٽي رهي
ٿي ڏنائين جڻ چنيسر آيو هو هن وٽ ڪهي

چرڪ ماري جڏهن مگر ڪؤنروءَ حقيقت کي ڏٺو
نير نيڻن ۾ هيس هن پنهنجي فرقت کي ڏٺو

هوءَ اُٿي ڪمري جا ڏيئا ٻه ٻتيون ٻارڻ هلي
ايتري ۾ ناز مان ليلا اُٿي نڪتي اچي

هڏهن ڏسي ڪؤنروءَ کي روئندو هوءَ گهڻو حيران ٿي
نيٺ ڪؤنروءَ کان پڇيائين، ڇاجي لءِ ارمان ٿي

ڪين ڪؤنرو دل جي حالت کي سگهي ليڪن سلي
پنهنجي روئڻ جي حقيقت کي صفا ويئي الي

هن چيو: راڻي! اڪين کي تيل ڏيئي جو لڳو
آهه هي اُن جو نتيجو، ڪين ٿي پر مون رنو

ڪين ليلا پر ڪيو ڪؤنروءَ تي ڪجهه ٻي اعتبار
لڙڪ لاڙڻ جو سبب هن کان پڇيائين وار وار

نيٺ ليلا کي سچي ڪؤنروءَ سڻائي وارتا
هن چيو: راڻي! مونکي پنهنجو سمو ٻي ياد آ

آئـي هـئـي لـيـلا وريـتـي ور کي واڌائي ڏيڻ
پنهنجي پريتم سان محبت جون مٺيون ڳالهيون ڪرڻ

پنهنجي پٽ-راڻيءَ جو راجا خوب ئي آدر ڪيو
بـن دلـيـن ۾ پريم جو درياهه جڻ اُٿلي پيو!

(ليلا ۽ چنيسر جو نرنيہ)

نظارو ۴. (چنيسر جي سمهڻ جو ڪمرو)

نيم سان سيجا چنيسر جي وڇائڻ تي اچي
خوب دل جا داستان ڪؤنرو ٻڌائڻ تي اچي

ڏينهن ڏينهن تي ويا، راتيون بہ اِئن گذري ويون
ڪين ڪؤنروءَ جي مقدر جون نهيون راهون نيون

سيج راجن جي ڏسي، ارمان پنهنجا تي ڏِسي
دل جي دامن ۾ ڇپيل پيڪان پنهنجا تي ڏِسي

روءِ اي دل روءِ تُـنهـنجـي واسطي روئڻ رهيو
تنهنجي لءِ بس ڪم فقط ڳوڙهن سان ڳل ڌوئڻ رهيو

سڌ نہ ڪونروءَ ڪي رهي تيو رات جو ڪيڏو گذر
پنهنجي ئي پوُرن ۾ دنيا ڪان تي ويئي بي خبر

هن چيو ڪؤنروءَ ڪي هن جي ڪيتري قيمت ڏيان
پرچيو ڪؤنروءَ نہ پيسي تي ٿي هيءَ وڪڻڻ گهران

آهہ هڪڙو شرط اي راڻي! ڪنديںءَ جي تون قبول
هار ٿيندو دائما تنهنجو، نہ تون رهنديںءَ ملول

ڇا ڪپي ڪؤنرو ڇٿي ڏي ڇا ڪپي توکي ڀلا
ڇا کپيئي، توکي ڏينديس، ڇؤ ڪٿي ڪولي صفا

مونکي ڏي موڪل تہ هڪڙي رات راڄن سان رهان
عمر ڀر تون پيئي وڃ مان رات هڪڙيءَ لءِ وڃان

هي ٻڌي ليلا جا سارا حوصلا ٿي ويا خطا
دل ۾ ڌڙڪڻ ٿي شروع ۽ انگ سڀ ڦڙڪڻ لڳا

ڪين ٿي سگهندو اهو تنهنجو مهانگو شرط آ
هار پيي گهرجي مونکي، ٻيو ڪهڙو تنهنجو شرط آ

نوَ لکو هي هار تنهنجي آهہ قدمن ۾ رکان
مونکي ڏي موڪل فقط هڪ رات راڄن سان رهان

ٿِڙڪندو آيو چنيسر دير سان ڪمري اندر
هو گهٽو پيئل، نشي ۾ چوُر هو اڄ سر بسر

راڄ-ڪنيا مان هيس، منهنجو ٻہ ڇا طومان هو
تـو جيان راڻـي اسان جـو پـي شهاڻو شان هو

وقـت تـي ليـڪـن نہ آهي ڪنهن کي ڪوئي پروسو
ڪنهن کي سڌ هئي اڄ اسان جو حال ٿي ويندو ڪسو

ڪين ٿي هن کي مگر ويساهہ سان ليلا ڏنو
سارو قصو من-گهڙت ليلا کي ڪؤنروءَ جو لڳو

اوچتو ليلا جي اک ڪؤنروءَ جي گردن تي پئي
ڇاجو هي چمڪاٽ هو حيران ٿي ليلا وئي

هار هو چوليءَ جي هيٺان، پر هيس ڪيڏو شعاع
رخ ڏسي ليلا جو ڪؤنروءَ پي لڳايو پنهنجو داءَ

هار کي لاهي ڪٽي ليلا جي هن ويجهو ڪيو
هيءُ نشاني آ اڳوٽي شان جي، ڪؤنروءَ چيو

دل جي حسرت آهہ هڪڙي، جي اجازت ڏين ڇوان
التجا منهنجي مڃين تان هار هي پيٽا رکان

هار جو چمڪاٽ هو يا وڄ وراڪا ٿي ڏنا
ڇئين ليلا کي اچي ڪئن هار کي پائڻ بنا

رات راڻي ساڻ ڪاڻ ڪاڻ ڪؤنروءَ ڪي سڏي
هار ڪي ليلا ڪٽي، ويئي چنيسر ڪي ڇڏي

اڄ تہ ڪؤنروءَ جي نصيبن سان ڪو ٻيٽي پاڻ ڪي
جڻ چڪوريءَ آهہ پاتو چنڊ جي چانڊاڻ ڪي

سڪ منجهان آئي ڪٽي ڪؤنرو ڪٽورو ڪير جو
هاءِ پر راڻو نشي ۾ ننڊ جي تصوير هو

ٽڙڪندڙ هٿڙن سان هوءَ راڻي جي چرنن ڏي وڌي
هن وجي جڻ هٿ هينئر قارون جي دنيا لڌي

هوءَ ڏسي راجن ڪي اڄ ارمان سڀ ڪيندي رهي
پير پريتم جا ڪٽي ڳوڙهن سان هوءَ ڌوئندي رهي

جاڳندي ڪؤنرو رهي سارو ستل سنسار هو
شاد هئي ڪؤنرو سندس پاسي ۾ اڄ دلدار هو

صبح ٿي ويندو ڪندو هن سان نہ دلبر بات ڇا
ڪئن ٻجهي هيءَ پياس جنهن ۾ عمرجي اوسات آ

ننڊ مان جاڳيو چنيسر رات جي پوئين پهر
آئي پيرانديءَ ڪان هن ڪي اجنبي عورت نظر

ايندي ئي هڪدم چنيسر سيج تي ليٽي پيو
ڪانڌ کي ناهي سمهارڻ جو يتن ليلا ڪيو

ترت ئي ڪؤنرو لڪائي هار کي ويئي هلي
هوءَ چنيسر جي چڏي ديدار کي ويئي هلي

گهوٽ کي ليلا ڏنو پنکي سان جهونڪو هير جو
آئي هڪ ٻانهي ڏيڻ هن کي ڪٽورو کير جو

کير ٺاريندي رهي، ڪجهه دل ۾ سوچيندي رهي
هار جي هوءَ ڪلپنا رنگين کوليندي رهي

هڪ نظر واجن تي اُڇلايائين-ءَ ٻي هار تي
هار سان گڏ پايان پنهنجي ڪانڌ جي ٻي پيار کي

اوچتو ليلا جي مُک تان چڻ هٽي بادل ويا
ڪجهه سُجهي آيس جو هن جا نيڻ چڻ چمڪي پيا

اڄ نشي جي حال ۾ آ، ناهه راڻو هوش ۾
ڪيس ڪل پوندي نه، ڪم ٿيندو انڌاري پوش ۾

جي اڄوڪي رات ڏينديس آءُ ڪؤنروءَ کي کٽي
ڪين ڪو نقصان ٿيندو، ٿيندي چترائي گهٽي

اڄ محل ۾ ڪونہ ليلا جو پوي ٿو ڪو پتو
راھ ۾ هيرا پکيڙيل خود هلي حاڪم! ڏسو

هي ٻڌي سر تي چنيسر جي ڪِريِ پيو ڄڻ پهاڙ
روح ۾ هنجي مچي ويو ڄڻ غضب جو روڄ راڙ

هاءِ! هن منهنجي وفا سان ڇو ڪئي هيڏي دغا
ڪانڌ ڪان وڌ ڪيس ڪوُڙي ڪانچ جا ٽڪرا لڳا

روح ۾ راڻي جي رنجش ڪيتري ڀاري هئي
جنگ جي ميدان جي ڄڻ ڪشمڪش جاري هئي

ڪين ڪوَنرو پنهنجي پريتم جي ڏسي دک کي سگهي
پنهنجي ساجن جي وڃي چرنن ۾ ويني هوءَ جهڪي

پيٽ جائيءَ جي ڏسي قسمت پئي جيجل نري
هوءَ ڪري پرنام راجن کي هينئر واپس وري

راڻي کي ڪوَنروءَ جي ڪومل ڀاو جو احساس ٿيو
هن اڀاڳيءَ جو بہ آخر آھ سپنو راس ٿيو

هن پڇيو: اي مُنڌ توکي مون وٽان ڇوُ ڇا کپي
مُنڌ ٻوليو: تو وٽان مونکي مليو سڀ ڪجھ اڳي

غصي ۽ حيرت منجهان هن سيج پنهنجيءَ کي ڇڏيو
کير تون، ليلا ڪٽي، هن منڊ ڏاريءَ کي سڏيو

نينڻ نوڙت سان پيري ڪؤنرو اچي بيني اڳيان
ايتري ۾ ماءُ ڪؤنروءَ جي بہ آئي تي پنيان

هن ڪيو پرنام راجن کي اچي هٿڙا ٻڌي
هار جي آئي سٽائڻ ماجرا اڳتي وڌي

رات راجن! توکي ليلا هار تي وڪٽي ڇڏيو
مون تي جي وشواس ناهي پل تہ راڻيءَ کي سڏيو

هِت رهڻ جي هن ئي ڪؤنروءَ کي اجازت آ ڏني
توتان ئي سر ساه کي صدقي ڪندِي هيءَ سوهڻِي

هي ٻُڌِي ڏاڍِي چنيسر کي اچي غيرت وئِي
بي لڇڻ ليلا جي لڇڻن تي لڳِي حيرت وئِي

حڪم ڏيو ليلا کي آڻيو ٻوبدوُ منهنجي اڳيان
پرک ڏي سچ ڪوڙ جِي، ڏي گفتگو منهنجي اڳيان

ذوم مان آئي اِتي ٻانهي ڪا ڪمري جي اندر
هن مهاراجا کي ايندي ئي سٽائي هيءَ خبر

دل پڳل، آلين اکين سان وئي هلي ڪونرو پري
ايـــتـــري ۾ آئـــي ليلا ويس ٻانهين جو ڪري

هوءَ اڪيلي ڪانہ هئي، ڪؤنرو بہ تنهن سان ساڻ هئي
پنهنجي راجا ڏي وٺي ڪونروءَ کي آئي پاڻ هئي

ايندي ئي قدمن ۾ راجن جي پئي ليلا ڪِري
هوت! هارايو اٿم آهيان جو هيرن تي هِري

مونکي ڪؤنرو! پنهنجي سوني روح جي املاڪ ڏي
مان ڪنديس پڇتاءُ جيسين دل جو دامن پاڪ ٿي

ليلائي ريجهائي شل مان پنهنجو راجن کي ڪريان
شل چنيسر جي اڳيان نت هار ڳوڙهن جا ڏريان!

ڪلپنا ۾ توکي سانير ڪان ئي مون سانڊي چڏيو
اڄ تہ پهريون ئي دفعو ساڪيات آ دلبر ڳڏيو

پل ڪري هي صبح توکي مونکان اي راجن جدا
ڪلپنا ۾ ڪئن وڃوڙي مونکي ڪو سگهندو پلا

خود ئي ڪؤنروءَ کي اُٿاريو راڄ-راڻي پيار مان
هن وڃي سيجا تي ڪؤنروءَ کي وهاريو پاڻ سان

هن جهڪي، پريتم جي پيرن جي ڪنئي پياري پٽي،
ٿي پوتر پيئي تنهنکي پنهنجي مستڪ تي هٽي

رات ٿي پوري وئي،ڪؤنرو وڃن پالڻ اُٿي
چڻ چڏي سپنو، وري سايا ۾ سا جالڻ اُٿي

پر چڪي ڪؤنرو ڪئي ويجهي چنيسر چاھ مان
ٿي وڃين ڪيڏانهن هاڻي، هن چيو اُتساھ مان

سون ورني دل پسائي ڪئن وڃين ٿي هئن چڏي
ايءَ سڪي چا لءِ وڃين ٿي مونکي گوندر ۾ ڳڏي

مونکي ليلا رات هڪڙيءَ لاءِ آ موڪل ڏني
مونکي ڏيو پالڻ وڃن نہ تہ ليڪبيس ڪوجهي ڪني

پڪيِئڙا

اؤڪي وڇوڙي جي رات پڪيِئڙا
اؤڪـي وڇوڙي جـي رات!

(۱)

ڪـارا ڪـارا بـادل گـرجـن
دردوندن جون دلڙيون تڙڦن
ڳوڙهن جي برسات پڪيئڙا
اؤڪـي وڇوڙي جـي رات!

(۲)

سڪ جا سڏڙا ساجن سڻندو
نيٺ ڪندو هو توکي پنهنجو
ويندي هٽي فڪرات پڪيئڙا
اؤڪـي وڇوڙي جـي رات!

(۳)

پڇري جا هي پئد پڇي تون
ساجن سان مل 'شاد' وڃي تون
هي سڀ جوني بات پڪيئڙا
اؤڪـي وڇوڙي جـي رات!

(۱۹۴۰)

مارو ايندا ماڳ

مارو ايندا ماڳ - جيڏيون اڄ خوش ٿيوا

محب اچي ٿو، ميندي لڳايان، سهڻي سيج سجايان
چنڊ کي لاهي گهر ۾ آڻي هڙ هڙ گهر ٻهڪايان
روشن ٿيندا ڀاڳ -
منهنجا مارو ايندا ماڳ!
ٻلوازڙيءَ جا ٻول چئني سڀ راهه ۾ تنهنجي وڇايان
ڪويل ۽ بلبل جون لاتيون روح ۾ پنهنجي سمايان
ڇهه ڇهه منهنجا چاڳ -
منهنجا مارو ايندا ماڳ!
'شاد' خوشيءَ ۾ نچي نچي مان سڌڙ سرت پلايان
ٿران ٿران اهڙو جو گڏ ڌرتيءَ کي ڀي ڦيرايان
ڳايان رسيلا راڳ -
منهنجا مارو ايندا ماڳ!

اوسيڙو

تنهن وصل سندي ڏينهن جو هو اوسيڙو
دل چاهيو اُڏامي وڃي وچ جو عرصو
سو ڏينهن ۽ ان ڏينهن جو هن جو رخ هو
دل روئي چيو: ڏينهن هي آيو ئي ڇو؟

رومانس

هن، ’فائوِ اسٽار‘ هوٽيل ۾
جسم جو حقيقي ڇهاءُ ماڻيو
مون شاعريءَ جي محل اندر
لفظن جي دولت خرچي
رومانس جو لطف ورتو!

گيت

ييج يِني گهر آئي- پياري
ييج ينيءَ گهر آئي!

(١)

نيڻ نشي ۾، مرڪ چپن تي
پيار ڀري ڳاڙهاڻ ڳلن تي
هوءَ البيلي
نار نويلي
ڏاڍي ٿي شرمائي- پياري
ييج ينيءَ گهر آئي!

(٢)

منڙا ٻول پکيئڙن ٻوليا
وڻ وڻ ساز سريلا کوليا
هير خماري
جادوءَ واري
ڀن ڀن ڏي واڌائي- پياري
ييج ينيءَ گهر آئي!

(١٩٤٢)

ياد

آئي محبوبا جي ياد!

(۱)

سونهن- سمنڊ ۾ ٽُبي هنيم جئن
اوجل روپ ٻٽيو تن جو تئن
اوجلتا مان مها موج جو آنند ٿيو ارشاد
آئي محبوبا جي ياد!

(۲)

نرمل جنهن جي ديد پياري
دل ۾ سک ٻرسائڻ واري
مينگهه وسيو، گلزار هسيو، ٿيو باغ اُجڙ آباد
آئي محبوبا جي ياد!

(۱۹۴۳)

ڪيسين؟

هــردي جي آس لــڪائيـنديس
مان ڪيسين پـيار ڇـپائيـنديس؟

مونــڪي ورھ ڪــيو وياڪل ڏاڍو
ويو ڇَيــن ڪسي ساجـــن دل جو
ھئن ھوت ڪي ھر ھر ياد ڪري
مان ڪيـسين لــڙڪ وھـائيــنديس - ھردي

مونـڪي ساجن جو سپرش ساري
انـــگ انـــگ ۾ اُمنگ اُيــاري
ڪيــسيتــائـين پــنھنـجا جذبا
مان دل ۾ ھـــاء دبــائــيـنـــديس - ھردي

نئي پاڻ ۾ ڪا ھمت سمجھان
جو دل جو ڪريان مان راز عيان
چپ چاپ ۾ ھئن ڪيستائين
مان جيوت پنھنجي ھلائيـنديس - ھردي
(١٩٤٤)

رَسَ پريون راتيون

اُهي رس پريون راتيون ياد ڪري
سؤ سؤ سڏڪا ٿو ساهه ڀري!

ويو هردو منهنجو هوت ڪسي
منهنجي اکڙين مان ارمان وسي
مونکي ورهه ڪيو ڏاڍو وياڪل
منهنجا پريتم مونکان ٿيءُ نه پري
سؤ سؤ سڏڪا ٿو ساهه ڀري!

چا قؤل ڪيل به وساري ڇڏيءَ
اُهي پريم جون باتيون واري ڇڏيءَ
مونسان اهڙو تون انياءُ نه ڪَر
منهنجي تو بن ساجن ڪين سري
سؤ سؤ سڏڪا ٿو ساهه ڀري!

(١٩٤٢)

جيون جي ڏڙڪن

تون جي مون ساڻ گڏ پرين! آهين
مون سان جيون جي آهه گڏ ڏڙڪن
منهنجي اُميد آرزو تو بن
ڪي سڪل پتا
مرجهايل پن
تون جي مون ساڻ گڏ پرين آهين
مان بهارن جي خود بهار آهيان!

روز پريات ڪي ڏسان ٿو مان
جهڙي ڪلهه هئي
اُها اڄ يي آهي
تنهنجي بس ياد ذهن ۾ اُيري
ساڳي پريات اِئن لڳي ٿي ڄڻ
مون حياتيءَ ۾ آ ڏني پهرِين!

چنچل ڪامنيءَ جو گيت

مونسان پيچ نہ پاءِ- او راهي- مونسان پيچ نہ پاءِ!

پريت تہ دل ۾ ئي تيندي آ
دل اکڙين کان دور گهٽي آ
اکڙين ۾ هي پريم پسي تون مفت نہ پنهنجو هوش گنواءِ
مونسان پيچ نہ پاءِ- او راهي- مونسان پيچ نہ پاءِ!
وار لڏن، تڙپي دل تنهنجي
منهنجي دل ۾ چپ خاموشي
پنهنجي دل کي زلف- ڪنڍيءَ ۾ ڄاڻي واڻي ڪين ڦساءِ
مونسان پيچ نہ پاءِ- او راهي- مونسان پيچ نہ پاءِ!

منهنجو جوڀن مستن کي ڏي مستي مؤج نرالي
دلڙين کي بيتاب بڻائي منهنجي چنچل چالي
مان جي مشڪان
مست بڻايان
هن مستيءَ موت لکل ٿي، مست نہ پنهنجو پاڻ بڻاءِ
مونسان پيچ نہ پاءِ-او راهي- مونسان پيچ نہ پاءِ!

چنچلتا بي معنيٰ ناهي
ڏک ماري دل اِئن ٿي چاهي:
'ٿنهنجي جيون سان جنهن کيليو تون ڀي ان کي خوب نچاءِ'
مونسان پيچ نہ پاءِ- او راهي- مونسان پيچ نہ پاءِ!
(۱۹۴۳)

پيِني برسات

پيني برسات هجي- اڪيلي رات هجي
مان هجان ۽ هجي دلدار!

تون ڏِسين مونکي، ڏسان مان توکي
پنهنجي اکڙين ۾ رکان مان توکي
تنهنجي ئي بات هجي- تنهنجي ئي تات هجي
تنهنجو جلوو پسان چوڌار!

دور آڪاس ۾ بجلي چمڪي
منهنجي شرميلي بہ وچ جان مرڪي
مست جذبات هجي- سا ملاقات هجي
هي ستل روح ٿي بيدار!

چاندني وارو ڏِسي روپ هِتي
تو گهٽائن ۾ لڪي چنڊ مٺي
رات ئي رات هجي- ڪانہ پرڀات هجي
زندگيءَ ۾ پيو ڪريان پيار!

ڪنهن جي ڏوريءَ ۾ مان ٻڏل ناهيان
راهه پنهنجي به پر تڏهن يي مان
ڪين ويهي ٿو سوچ سان ناهيان
مان ته بس پاڻ ڪرم ٿي آهيان
هلڪي هلڪي چمن جي هير جيان
آءٌ آنند جو ٿي روُپ آهيان!

مون سان ڪو موُت جي نه ڳالهه ڪري
مون سان ڪو رات جي نه ڳالهه ڪري
مون پرين توسان نينهن آ لاتو
ڇو ته تون روشني آهين
ڇو ته تون خامشي ناهين
ڇو ته تون راڳڻي آهين

ڇو ته اُن راڳڻيءَ جي جادوءَ ۾
مست مدهوش ٿي وڃان ٿو مان

مون کي پنهنجي نه ڪائي ڄاڻ ڪپي
تنهنجي هڪ تنهنجي مونکي ياد هجي
تون جي مون ساڻ گڏ پرين آهين
مون سان جيون جي آهه گڏ ڌڙڪن!

ايندو مون ڏي مُرڪي

ايندو مون ڏي مرڪي منٺار منهنجو
ڪندو دور دکڙا دلدار منهنجو!
هٿڙا هٿن ۾- اکڙيون اکين ۾
ويندو جهومي دل جو سنسار منهنجو!
ايندو مون ڏي مرڪي....

انترو: مان شرم کان اکڙيون ڇپايان
پيار ساجن جو سرس ٻڌايان
جدائي منهنجي هٿڙن کي ڪندو مونکي ويجهو
ڪندو ڳالهيون ڳجهڙيون مونسان يار منهنجو
ايندو مون ڏي مرڪي....

انترو: ساري خوشبو چمن جي لٽايان
انگ انگ ۾ تنهن کي سمايان
سڳنڌي اُمنگن جي چڙيان مان ملائي
ٿي پئي انوکو گلزار منهنجو!
ايندو مون ڏي مرڪي....

انترو: بنا ساجن جي پل پي نہ گهاريان
ڏسي دلبر کي دل پنهنجي ناريان
ڪٺن دل جي اُچل کي مان سگهان هاڻ روڪي
اڄ چلڪي پوندو سچو پيار منهنجو!
ايندو مون ڏي مرڪي....

چنڊ نہ ڪر چانڊوڪي

(۱)

چنڊ نہ ڪر چانڊوڪي، منهنجي تن من کي نہ جلاءِ
پريم جي دل ۾ آگ لڳي آ، تنهن کي نہ تون ڀڙڪاءِ!

انترو: ائي مِٺي هير تون دامن ۾ ڪٽي تير نہ آءِ
آهيان گهايل تون ڪٽي پاڻ سان شمشير نہ آءِ
آءُ تہ تڙڦان ٿي تون وچي ڪجھ ساجن کي تڙفاءِ!
پريم جي دل ۾......

انترو: ائي چڪوري ٿي وچين پريم جي تون پياس ڪٽي
منهنجي پي چنڊ کي گر منهنجو وچين حال سلين
درس- پياسي هاءِ مري ٿي، تنهن کي تون پنهنجو بڻاءِ!
پريم جي دل ۾......

انترو: تون جي محبوب اچين، ڪيڏو نہ آنند اچي
منهنجي دل مور جان مستيءَ ۾ اچي ناچ نچي
مور ڪٽي دل ساجن ڏي وَڃي پنکن ۾ ڦڙڪاءِ!
پريم جي دل ۾....

وَئي ڙِي وئي

وئـي ڙِي وَئـي
دل ڪاڏي وَئي
دل، دل ڏي وئي
دل اِينـدِي ورِي يا نـہ وَرِي- ڪانـہ وئـي چئـي
وئي ڙِي وئي.....

۱. گهٽو من کي چيم
من ڪيـن مـڃيم
ڏيـان ڏوھ ڪنهـن کـي هاء- مون تـہ پاڻ سان ڪئي
وئي ڙِي وئي.....

۲- ڏِسي اکين ۾ پيار
چڙهي ويو جو خمار
دل وَئـــي گـسجـي ڪَلَ ڪانـہ ڪا پـئي-
وئي ڙِي وئي.....

۳- ويني حيلا هلايان
ويني ڪانگ اُڏايان
پـريـن ويـو پـرديـس پـر ڪـيـن ڏسُ ڏئـي-
وئي ڙِي وئي.....

۴- پنهنجو پيار لڪائي
ويو ٻـڪ ۾ سِڪائي
مِـلـي ’شـاد‘ ڪـيـون روح رهـاڻـيـون ڪـي ٻئي-
وئي ڙي وئي.....

لٽجي وَيڙو قرار

لُٽجي ويڙو قرار- چو دلڙِي اڙايم!
دل پنهنجيءَ تي ڪين رهيو وَس
تِي ويو ڪنهن سان پيار- چو دلڙِي اڙايم!

منهنجي مستي ويئي اُڏامي-
ڏئي ويو درد هزار- چو دلڙِي اڙايم!

تنهنجي ياد جو دامن پڪڙي
روئان زارون زار- چو دلڙِي اڙايم!

تنهنجي اچڻ سان، دل جي چمن ۾
موٽِي ايندي بهار- چو دلڙِي اڙايم!

فضا آ مست مگر پيار جي سا بات ڪٿي؟
ٻڌاءِ چنڊ! اُها منهنجي سهڻي رات ڪٿي؟

آ ڪهڙي شور ۾ سنگيت دل جو گم ٿي ويو
جياريو جنهن ٿي اُها شاعراڻي ذات ڪٿي؟

شگفتگي ڀلا ايڏي ٻي زندگيءَ ۾ ڇو؟
گلن جو شوق ۽ ڪويل جي پياري لات ڪٿي؟

ڇا منهنجي سادگيءِ آهي ڪِ هن جي منڙي بات
فقط ٿو روپ مَٽائي ستم نجات ڪٿي؟

غمِ جهان تي ڪٿن ٿئي اثر محبت جو
فسونِ عشق ڪٿي؟ منهنجي مشڪلات ڪٿي؟

مان ڏوھ پنهنجي اکين کي ڏِيان، نظاري کي؟
اسان جي دل جي اُها 'شاد' ڪائنات ڪٿي؟

جي زندگيءَ مان نڪرِي وڃي چاھ ڇا ڪجي؟
۽ دل ڪي پِي جي پيارو لڳي ساھ ڇا ڪجي؟

سرڪار پنھنجِي ساڻ بغاوت تي ٻوھ، پر
جي ڏينھن رات بک ۾ تجي پاھ ڇا ڪجي؟

نيڻن جي نيِر سان هيءَ وسايان تہ دل جي آگ
ٻاري جي آھ کو ٻيو آڙاھ ڇا ڪجي؟

جي ڪجھ ملي ٿو يار کان هڪ درد ٿو ملي
وسري تڏھن بہ ڪين ٿو دلخواھ ڇا ڪجي؟

منٿن ڪي مان ڇڏي ٿو وڻان بي رخيءَ جي واٽ
پر پوءِ بہ جي نہ يار ڪري ناھ ڇا ڪجي؟

محنت جو ڦل جي هن نہ تہ ٻئي جنم ۾ ملي
جنمن ۾ پر جمي نہ جي ويساھ ڇا ڪجي؟

ڪٽي ناز مان اک نهاريو نہ ها
محبت جو جذبو جياريو نہ ها!

هينئر درد دوُريءَ جو ڏيئي ڇڏيو
مونکي پنهنجي پر ۾ وهاريو نہ ها.

ورهيہ جاڳي مس مس لڳي اک هئي
ستل کي ننڊين سر اُٿاريو نہ ها.

اڳيئي وڇايو مون وس دل مٿان
مونکي پيار مان هئن پڪاريو نہ ها.

جي هاري وري ٿا وسائڻ گهرو
انهيءَ ڪان تہ هيءَ باهہ ٻاريو نہ ها.

وسارڻ سان جي وسري ها تہ دل ۾ پيار ڇو ٿئي ها
تمنا جي هجي ها وس، تہ مونکي سار ڇو ٿئي ها!

آ جيسين دل، محبت بن رهڻ ڪئن ٿئي پلا ممڪن
ورهين جو نہ تہ سُتل جذبو وري بيدار ڇو ٿئي ها!

هوَس ناهي، محبت ناهہ، دل ۾ چاهہِ؟ ڪئن سمجهان
ملڻ جي چاهہ آهي نہ تہ جئڻ دشوار ڇو ٿئي ها!

محبت جو هيو غلبو، نہ سوچيم ڪجھ چوان ڇا ٿو
چوان ها ڪجھ سليقي سان تہ پو انڪار ڇو ٿئي ها!

اکيون انڪيون هيون هن جون، نہ دل انڪي هيس شايد
ڏِيان ها دل جي ڪجھ ترسي تہ هي آزار ڇو ٿئي ها!

اِشارو گلبدن جو 'شاد' اهڙو دل ڇڪيندڙ هو
اسان جي راهہ هئن پُر خار نہ تہ گلزار ڇو ٿئي ها!

ڪنهن سان نہ رِيس ڪائِي نہ ڪوئي رقيب آ
هرڪنهن کي پنهنجو پنهنجو ئي ٿيندو نصيب آ.

هن دل جي درد کي ئي تون داروُن بڻائي ڇڏ
پنهنجي ڪئي جو ويڄ نہ ڪوئي طبيب آ.

لرزائي برق منهنجي تصور کي ٿي ڇڏي
جنهن وقت پِيِ ڏسان ٿو تہ منزل قريب آ.

جنهن لءِ وڌم ٿي واجھ سو ڳهائي ٿو ڳهوُر سان
حسن ۽ حجاب جو بہ هيءُ منظر عجيب آ.

دل ۾ آ منهنجي ’شاد‘ حسين صورتن جو ڳهر
مان ڪئن چوان تہ منهنجو مقدر غريب آ.

عشق جي آگ پيو دکائيندس
دل جي رونق بہ پيو وڌائيندس.

درد منهنجو بہ ڇڏي ڇو دامن
درد سان دوستي نڀائيندس.

منهنجي حسرت جو جائزو تہ وٺو
بي حجابيءَ سان اک اڙائيندس.

منهنجي وحشت کان ٿئي نہ رُسوا حسن
عشق جون عادتون مَٽائيندس.

منهنجي ميءَ سان نہ کوئي ٻيت کري
تلخ غم جو مزو لٽائيندس

سازِ دل ساڻ هو پر هاءِ وڄائي نہ سگهيس
گيت ڳائڻ تي گهريم جيڪو سو ڳائي نہ سگهيس.

وقت جي خاڪ وسڻ بعد بہ تازو آ زخم
مان هِتي سنڌ سونهاريءَ کي ڀلائي نہ سگهيس.

هاءِ ان ماهِ منوّر جو چمڪيندڙ چهرو
دل جي جذبات جُلي تنهن کي لڪائي نہ سگهيس.

داستان خوب ٻين جا تہ ٻڌائيندو ويس
پنهنجي روئداد اجا ڪنهن کيِ ٻڌائي نہ سگهيس.

زندگي وقت جي چڪر ۾ بسر ٿي ويئي
مان ستارن جي بہ محفل کي لٽائي نہ سگهيس.

هاءِ افسوس! جو ساقي هو مليل سازش ۾
ميءُ جي بارش هئي تہ بہ پياس ٻجهائي نہ سگهيس.

ڏينهن ۽ رات برابر مون ڪيو هڪ ساٿي!
خواب ڪنهن پرهہ ڦٽيءَ جو مان سجائي نہ سگهيس.

سنڌ جو ماهتاب ساڳيو آ
هي سچو آب تاب ساڳيو آ.

تنهنجي اکڙين ۾ سنڌ جي سرخي،
هي ازل جو شراب ساڳيو آ.

تون سڀاجهو سروپ سنڌين جو
تنهنجو چنگ ۽ رباب ساڳيو آ.

تنهنجي لٽڪين ۾ سنڌ جي خوشبو
اصطلاحي شباب ساڳيو آ.

’پنهنجي ٻوليءَ بنا جيئڻ ڪهڙو‘؟
تنهنجو سڀ کي جواب ساڳيو آ.

پرهه جي روشنيءَ جي ڀرين ٻاڪ
ها اِهو آفتاب ساڳيو آ.

’شاد‘ ان ماڳ تي اوس ملبو
تنهنجو منهنجو حساب ساڳيو آ.

(ماهتاب محبوب جي نالي)

دل مان ڪڍ ڪين فقط گڏجي رهڻ جي خواهش
پل نہ دلدار تون رک مونسان رُسڻ جي خواهش.

پنهنجي هن حال کي مان عشق چوان يا نہ چوان؟
توسان هردم ٿو رکان بات ڪرڻ جي خواهش.

شمع جي حسن ڏي چڪجي ٿو وڃي هو ازخود
ورنہ پرواني کي آهي نہ جَلڻ جي خواهش.

پُر خطر خواب سو ٿيندو جو حقيقت نہ بڻيو
راز کو گهرو آ جو ٿئي ٿي ملڻ جي خواهش.

حسن تصوير جو چيڙي نہ سگهيو جذبي کي
تو نهاريو تہ اُٿي ’شاد‘ نچڻ جي خواهش.

رات پر شمع دل جي ٻاريان پيو
سوزِ دل پاڻ ئي جياريان پيو.

پنهنجي ئي گرم رت جي مرهم سان
دل جي زخمن کي ڪئن نہ ٺاريان پيو!

غم يي هڪ زهر آهه، مئي يي زهر
زهر کي زهر ساڻ ماريان پيو.

دل جي اوندهہ تہ جئن جو تئن آهي
ديپ آشا جا ڪيئي ٻاريان پيو.

ٻڪجي پوپٽ ڦران ٿو گل گل تي
عمر سرهاڻ ۾ گذاريان پيو.

ماڳ ئي هن ڇڏيو مٽائي 'شاد'
جو عبث راهہ ڏي نهاريان پيو؟

ڇا ٿيو اگرچ آهي نظرن کان دوُر منزل
طوفان جي اُچڻ سان خود برق ٿيندي شامل.

مان سمنڊ ۾ ڪُنن جي وچ ۾ ڪڏڻ ٿي چاهيو
ڪمبخت ڇو اُلائي مون کي پڪاريو ساحل.

آ درد دل جو نغمو ۽ ميءِ جو دوُر جاري
محفل جي زيب ڏاران محفل بڻي نہ محفل.

ارمان زندگيءَ جا ٿيندا ڪڏهن نہ پورا
شڪوو هجي مگر ڪجھ ٿيءُ زندگيءَ جي قابل.

هڪڙو وطن کان وڇڙيل ۽ ٻيو زمين کان وانجهيل
اِتهاس کان ٿيو آ سرمايو هيءُ حاصل.

نالي ۾ ’شاد‘ ليڪن آهيان تہ غمزده مان
جو غم ڏسڻ ٿو چاهي، منهنجي اچي ڏسي دل.

تي آ مخمور نگاهن جي ضرورت محسوس
پل هجي تلخ ڪريان لذتِ اُلفت محسوس.

مون ڇهيو ڪيس خفي ٿيڻ جي بجاءِ هئي خاموش
مون نزاڪت سان ڪئي حسن جي رغبت محسوس.

زندگيءَ موت ۾ مون لاءِ نہ رهيو ڪوئي فرق
مون ڏنو توڪي تہ دل ۾ ڪئي حرڪت محسوس.

تون ملينءَ مونسان گهڙيءَ لاءِ مگر آءٌ هينئر
ٿو ڪريان عمر جي ڇڙ پيار جي شدت محسوس.

محبوب جي گفتار جو انداز ڦريل هو
جنهن ناز ڪيو مست اُهو ناز ڦريل هو!

جنهن ساز منجهان سُر سان ملي نڪتا ٿي شعلا
سو ساز وڳو پر اُهو آواز ڦريل هو!

اکڙين جو ملي پيار هينئر پيي ٿو اسان کي
آفسوس اُهو عشق جو آغاز ڦريل هو!

هن ويس بهاريءَ ۾ لکل ’شاد‘ خزان هئي
اڄ بادِ صبا جو سڄو پرواز ڦريل هو!

ايءُ زندگي ڪا تنهنجي اهڙي ادا بہ آهي
جنهن دلڪشيءَ پنيان ڪا ٽيندي وفا بہ آهي؟

آخر ڪوئي ڪنارو هن سمنڊ جو بہ ملندو
هن دردِ زندگيءَ جي ڪا اِنتها بہ آهي؟

هِن راهہ کي ڏسي بس هُن راهہ کي ڏسون ٿا
هن دربدر نظر جي منزل نہ ڪا بہ آهي؟

خلقيو خدا اسان ئي، گمنام ٿي اسان ئي
منهنجي وجود بن ڪو ٽيندو خدا بہ آهي؟

هر گل جي خون اندر صحرا لڪل رهي ٿو
اِنسان جي خوشيءَ کي ڪائي بقا بہ آهي؟

طوفان آيو منهنجي تدبير کي لٽي ويو
وچ سير ۾ آ ٻيڙي، ڪو ناخدا بہ آهي؟

آءُ ڏوليا تہ ڪريون پيار، هليا ويـنداسين!
ڪيسين هئن رهبو پلا ڏار، هليا ويندا سين!

ڪجھ خطا منهنجي تہ ڪجھ تنهنجي بہ هوندي ڏوليا
ٿيندا پورا نہ هي تڪرار، هليا ويندا سين!

جا گهڙِي گذري، لڄي ڪين ڪري شال مونکي
زندگي آھ گهڙيون چار، هليا ويندا سين!

بس فقط پنهنجو جئڻ آھ يا ٻئي جو بہ خيال؟
ڪر ٻين جو بہ تہ ويچار، هليا ويندا سين!

هو حسين چهرا، هيءَ دل ۽ هي الفت جو اثر
ڇا ڇڏي سهڻو هي سنسار، هليا ويندا سين!

موت آهي تہ جئڻ ٿئي ٿو زيادہ ظاهر
’شاد‘ جيون جي ڪريون سارَ، هليا ويندا سين!

ايءُ عشق سنيالي ڪٽهج قدم، اڄ آهہ وفا اعلان ڪيو
جو سونهن سندي سرڪار کي آ- چانديءَ جي چمڪ حيران ڪيو!

مون اکڙين ۾ جو پيار ڏنو ۽ مرڪ پريو رخسار ڏنو
مونکي ڪين جفا جو خيال پيو- مون حسن تان سڀ قربان ڪيو!

ڇا ناز سنائين تصور ۾- منهنجي زورِ محبت ڇا نہ ڪيو
جاڳي جو ڏٺم دلدار نهارڻ- جو بہ نہ ٿي احسان ڪيو!

مون لعل جواهر ٻوڙهن جا- گڏ 'شاد' ڪيا ساجن خاطر
ساجن کي مگر هٿ محلن جي- موتين ۽ مٽين مستان ڪيو!

ڪيئي ڪاريون راتيون گذريون، ڪيئي سرخ سويرا ٿيا
منهنجي دل جا هاءِ! اڃا ٻي دور نہ گھور انڌيرا ٿيا.

سور سنياريون ڪنهن ڪنهن جا ۽ ڪنهن زهريلا تير هنيان
منهن جا هئا ملوڪ مگر اڄ سڀ ئي ڦري لٽيرا ٿيا.

تون تہ اڃا ٻي آهين ساڳيو، شايد بدليو مان بہ نہ آهيان
تنهنجي منهنجي تڪرارن جا توڙي ڪئين نبيرا ٿيا.

مونکي ڪهڙي ڄاڻ تہ تنهنجون نظرون سڀ سان ٽڪرن ٿيون
مون سمجھيو هو شايد هاڻي پريت جا پيچ پڪيرا ٿيا.

منزل ساڳي، پنڌ بہ ساڳيو، 'شاد' شڪايت ڇاجي لءِ آ
راهہ اڻانگي ناهي، شايد قدم اڃا بہ ڪچيرا ٿيا.

پيار ۾ پل پل تڙڦي ٿي دل
ريتيِ ريتيِ ساحل ساحل.

دل ۾ غم حسرت ۽ ارمان
مون لءِ جيون ٻر جي محفل.

رستي جي رعنائي ڪافي
ملي ملي نہ ملي پل منزل.

ٻڏي ٻڏيِ هي ٿڪجي پياسين
لڙڪ سان هوندي مرڪ بہ شامل.

لڪيل رهيو 'شاد' هوا ۾
تاريخي سرمايو حاصل.

توڙي چکجي ٿو اچي مون ڏي ڪنارن جو قدم
نہ لُيائي سگھيو نگريءَ جي نظارن جو قدم.

وقت جي وس ۾ پلا دل جي سرءَ ناهي ڇا؟
ڪٿن نہ ڪنڊن ۾ ويو اُلجهي بهارن جو قدم.

زندگي عشق جي ارمان ۾ گذري ويئي
مون کي پيارو آ فقط دل جي دلارن جو قدم.

حد کان گذري ٿو جنهن وقت ستم جو طوفان
تيز رفتار سان ايندو آ شرارن جو قدم

آءٌ دلدار سچو دل جو اڳڻ تنهنجو آ
نئين هڪ جان ٿو ڏي جيءَ جيارن جو قدم.

مون تي مجنونءَ جو چڙهيو آه هينئر 'شاد' جنون
هاڻ صحرا ۾ ڇمان وينو غبارن جو قدم.

هر راهه زندگيءَ جي بڻي ناگوار آ
بس قافلو هليو نہ آ، ڇانيو غبار آ.

گل مثل زندگيءَ جو بہ ڪيڏو نہ آ ڪمال
ڪنڊن جي فڪر و غم ۾ ئي گذري بهار آ.

ناڪام عشق، حسن جون نظرون ڦري ويون
تہ بہ ڇو الائي ڪنهن جو اڃا انتظار آ.

پيتم شراب- حسن جا پيالا ڀري ڀري
منهنجي اکين جي اُڃ اڃا برقرار آ.

سک هڪ گهڙيءَ ۾ آهه تہ دک ٻيءَ گهڙيءَ ۾ آهه
دک جي گهڙيءَ تي ’شاد‘ رهيو اعتبار آ.

الا تا قيامت نہ غم دور ٿيندو
جي ايندين گهڙيءَ ۾ الم دور ٿيندو.

سندم دل ۾ جذبات ٻارڻ ٿي ٻاري
پنهنجو پاڻ تان ڪيئن ستم دور ٿيندو؟

نہ ڪو درد دل ۾ سمائي ٿي سگهبو
نہ ڪو شاعريءَ کان قلم دور ٿيندو؟

فقط دل جو ٿي پيو جي آواز ٻڌبو
غلط راهہ تان ڪئن قدم دور ٿيندو؟

ها زندهہ تہ رهبو مگر لاش وانگر
جي تنهنجي نظر جو ڪرم دور ٿيندو!

آءُ او انتظار واپس آءُ
آءُ غم جا غبار واپس آءُ.

دل فقط لوچ سان هئي زنده
ائي دلِ بيقرار واپس آءُ.

دل جون ويرانيون پڪارن ٿيون
آءُ روحِ بهار واپس آءُ.

ڪنهن سان اوريان مان پنهنجي دل جو حال
او منهنجا غمگسار واپس آءُ.

تون هجين ۽ هجن منيون ڳالهيون
آءُ جيءَ جا جيار واپس آءُ.

بدگماني ٿي دل کي پٽڪائي
راهبر! اعتبار واپس آءُ.

پاڻ جان سست ٿو ڪري ساحل
موجِ دل بي ڪنار واپس آءُ.

بي وفا ڪنهن کي چئون، ڪنهن کي وفادار چئون؟
يار کي يار چئون يا آسين اغيار چئون؟

ڪنهن جي دل کي جي ڏسڻ جي ڪائي تجويز هجي
چشم- طلسم کي نہ پلجي بہ حيادار چئون!

جيڪو نشي ۾ ٻين جي ٿو پيالن کي لُٽي
بزم- معصوم جو ڇا تنهن کي بہ ميخوار چئون؟

تنهنجي هر بات لپيٽيل تہ هئي قولن ۾
گلفشانيءَ کي ڇا پهڻن سندي وسڪار چئون؟

جنهن کي گلشن جي نظر تنهن کي وٽي جي صحرا
تنهن کي نادان چئون يا کي سمجهدار چئون؟

عجز سونهين ٿو، نہ سونهين ٿي گراوٽ سرجي
تنهنجي قدمن ۾ ڪِرڻ کي ڇا آسين پيار چئون؟

ٿي مٺيءَ هير بہ طوفان لڪايو شايد
هو بناوت تي ٻڌل عشق جو اظهار چئون؟

اڏيندس نئين سر ڦٽل آشيانو
ڪٽي بلبلين جو چمن تي ترانو.

حقيقت آ جيسين، حقيقت ڪي ونبو
پلي ٿي وڃي هيءَ محبت فسانو.

مٽايان نہ ٿو طرزِ دل جي اچا چو؟
گھٽو ڪجھ ويو آ بدلجي زمانو.

نہ ٻيو ڪجھ، اوهان جو نهارڻ ٿي ڪافي
ملي ٿو وڃي اِئن جئڻ جو بهانو.

محبت جو جنهن هنڌ آغاز ٿيو هو
مبارڪ هجي 'شاد' سو آستانو.

نازِ سان ناشادِ دل کي شاد ڪر
باغِ دل اُجڙي ويو، آباد ڪر!

مان اڪيلي اڏ مئل، پيو تو رُسين
ڪين بسمل سان اِهو بغداد ڪر!

ڪين هر هر يا گهٽو ساقي گهران
بعضي بعضي بوند ئي امداد ڪر!

پٿر آهي هِي جگر، ناهي جگر
پل اچا ظالم ستم ايجاد ڪر!

جي پري چاهين رهڻ، پل رهه پري
ڪنهن گهڙيءَ مونکي ڪندو پر ياد ڪر!

’شاد‘، سامهون مشڪندي تنهنجي مران
پنهنجي هٿ سان قتل اي جلاد ڪر!

(١٩٤١)

ڪين اهڙو ڪڏهن بہ شاھ ٿجي
جو ٻيا پالي پاڻ پاھ ٿجي!

مَرُ لڙِي جي نہ ٿين لڙي آزاد
جيِ غلاميءَ ۾ جو تباھ ٿجي!

زور سان انقلابي نعرو هڻ
جو ڏجيِ موت جو گراھ ٿجي!

مردِ ميدان ٿيِ وطن جو رھ
وقتِ مشڪل وسيلو واھ ٿجي!

جي رهن ظلمتِ غلاميءَ ۾
تن لءِ آزادگيءَ جو ماھ ٿجي!

’شاد‘ پل پيِ نہ رھ غلاميءَ ۾
جو مجسم ائين گناھ ٿجي!

(١٩٤٢)

نفس ۾ خود پري بهار، تون خزان مِٽائي ڇڏ
اُجڙ چمن کي تون گلن جي ديد سان سجائي ڇڏ.

ٿي پيار جي گهڙِي گهڙِي ڏي زندگي نئين نئين
تون شوق جو ڪٽي چراغ حسرتون جلائي ڇڏ.

فلڪ زمين تي جهڪي، نہ تون فلڪ اڳيان جهڪين
نصيب جون حڪومتون جهان مان اُڏائي ڇڏ.

ٻڌاءِ خوابگاهہ ۾ گذاربو اڃا گهڻو؟
تون جهوپڙين جو حسن ئي هٿن سان خود بڻائي ڇڏ.

اٿيئي دِلِ ۽ دِلِ ۾ دردُ، دانهن بند ڇو ڪيئہ؟
ٻڌي نہ ڪو ٻڌي تون ’شاد‘ شور و غل مچائي ڇڏ.

دل جي جذبي ڪري چڱيو لاچار
بس پيو بي وفا کي ڪرڻو پيار!

ناهه هر غم سهڻ جي قابل دِلِ
هوند ڪنهن وقت ٿِين آچي غمخوار!

منهنجي مستيِ شراب جي ناهي
نينهن تنهنجي مونکي ڪيو سرشار!

عشق در اصل روح جيِ صحت
حيف! هئن عشق ۾ ٿئين بيمار!

پاڙي وعدا ٻہ تو ڇمايو يقين
ياد پوئيِ ڇو هاڻ ڪو اقرار!

منهنجي ڪهڙي خفا ٿيڻ جيِ مجال
تنهنجي چُپ مان ۽ مان ٿيان بيزار!

موڙي منهن جهٽ وريِ آچيِ ٻرڪين
دِلِ اُجاڙي وري ڪرين گلزار!

هڪ پنيان پيِ ڪندين ڇا دل تابع
ترڪ سرڪار! ڪر هوس بيڪار!



انسان آهيون، انسان جيان
غفلت ۾ ڪري وهندا آهيون
پر ننڊ منجهان جاڳڻ کان پوءِ
سسئيءَ وانگر اُٿندا آهيون
سو جوش ڪٽي دل جي اندر
ٽڪرن کي لتاڙيندا آهيون
ڏونگر کي ڏڪائيندا آهيون
هن جوش کي ڏسندي منزل خود
تي ماندي ٿئي طالب جي لاءِ
جو جوش جي جذبي ڏي ڇڪجي –
خود ايندو پنهل آ سسئيءَ ڏي!

DHARTI-A-JO- DARD (COLLECTION OF POEMS)

By:Dr. ARJAN SHAD

This book is presented by:
SAM INTERNATIONAL
Mumbai